# بال ڀارتي

## درجو ڇهون

## سِنڌِي



# ٽيلِي - مانس هيلپ لائين

**Tele MANAS (Tele Mental Health Assistance and Networking Across States)**

**(14416/1800-89-14416)**

راشٽريہ مانسڪ صحت ڪاريہ ڪرم تحت ٽيلي مانس اها مرڪز پاران شروع ڪيل يوجنا مهاراشٽر راجيہ ۾ آڪٽوبر 2022 کان لاڳو ڪئي ويئي آهي. ٽيلي مانس ڪاريہ ڪرم تحت هيلپ لائين نمبر 14416 ذريعي مفت 24 x 7 گڏيل ۽ سڀ شامل مانسڪ صحت شيوا ڏني ويندي آهي. ان ۾ جدا جدا مانسڪ مسئلن لاءِ ماهرن طرفان علاج ۽ ڪائونسلِنگ ڪئي ويندي آهي. ٽيلي مانس هيلپ لائين تي ٽيليفون ڪرڻ تي اسانجي ڏنل ڄاڻ پوري طرح ڳجهي رکي ويندي آهي. ان ڪري شاگرد بنا هبڪ جي پنهنجا مسئلا ان هيلپ لائين نمبر تي فون ڪري ٻڌائن ۽ من ۾ هوندڙ سوال پڇن ۽ پنهنجي مسئلي بابت مدد وٺجي ۽ ٻين کي بہ مدد وٺڻ لاءِ چئجي.

## منو درپڻ

منو درپڻ (8448440632) مفت ٽيليفون سيوا جولاءِ 2020 کان تعليمي کاتي ذريعي راشٽريہ شئشڻڪ سَنشوڌن ۾ پرشڪشڻ پريشد جي منو درپڻ روُم ذريعي شاگردن، مائٽن ۽ ماسترن کي منووگيانڪ سمجهاڻي ۽ مدد ڏيڻ لاءِ صبح 8 کان شام 8 تائين هفتي جا سڀ ڏينهن ميسر ڪرايل آهي. شاگرد، مائٽ ۽ ماستر ضروري رهبري ۽ ڪائونسلنگ لاءِ هن هيلپ لائين تي پڻ فون ڪري سگهن ٿا.

هي درسي ڪتاب راجيہ شئڪشڪ سنشوڌن ۽ پرشڪشڻ پريشد، پڻي طرفان تيار ڪيل اَڀياسڪرم ۽ پاٺيہ ڪرم اَنوسار تيار ڪيو ويو آهي. اُنهن طرفان هن درسي ڪتاب جي چڪاس ڪئي وئِي آهي. سرڪاري فيصلو نمبر : اَڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦/ ٤٣) ايس.ڊي.٤. تاريخ ٢٥-٤-٢٠١٦ موجب اِسٽاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽي جي تاريخ ١٩-٥-٢٠٢٦ جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي سنہ ٢٠٢٦-٢٠٢٧ کان مختصر طور منظوري ڏني وئي آهي.

# بال پارٽي

## درجو ڇهون

## سِنڌِي



٢٠٢٦

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پرواري ڇؤڪٽ مان QR Code سمارٽ فون ذريعي اِسڪئين ڪرڻ سان توهانکي درسي ڪتاب ۽ درسي ڪتاب جي سبقن بابت ڏسجندڙ ۽ ٻڌجندڙ ساهتيہ حاصل ٿيندو.

پهريون ڇاپو : ٢٠٢٦ :

© مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي ۽ اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-٤٠٠١١٤١.
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي ۽ ابياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبہ ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٿي نٿو سگهجي.

## سنڌي ڀاشا سمتي

شري اَشوڪ ڪملداس مڪتا، سڀاپتي
شري وجيہ راجڪمار منگلاڻي، ميمبر
ڪماري راجيشري جيناند ٽيڪچنداڻي، ميمبر
ڊاڪٽر ڪاجل اَنيل رامچنداڻي، ميمبر
ڊاڪٽر وندنا اَشوڪ راموآڻي ميمبر
ڊاڪٽر اَميت گووندرام رامچنداڻي، ميمبر

## سنيوجڪ

شريمتي ميران مهيش گدواڻي
(وشيش اَڌڪاري سنڌي) (و.ڪا)

## سنيوجڪ سهايہ

شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر
(ڪاپي رائيٽر، سنڌي)

## نرمتي

شريمتي مِتالي شِتپ
(اِنچارج مکيہ نرمتي اَڌڪاري)

شري راجيندر پانڊلوسڪر
(نرمتي اَڌڪاري)

## جائزو ڪندڙ

شريمتي ڪومل سکواڻي
(چڪاس ڪندڙ)

شريمتي آشا چاندواڻي
(قانوني ماهر)

## پرڪاشڪ

شري هيمنت بابر
(اِنچارج ڪنٽرولر)
پاٺيہ پُستڪ نرمتي منڊل، پرڀاديوي، ممبئي-٢٥.

## ٽائيپ سيٽنگ

ستنام ساکي، ميران چاولا

## چترڪار

شريمتي براجني ري

## ڪَوَر پيج

شري ياٽو باگالي

ڪاغذ : ٧٠ جي.ايس.ايم. ڪريم وو
پرنٽنگ آرڊر :
ڇاپيندڙ :

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيه ٺاهڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌِينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَت ڀاڳِيہ وِڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪَلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀ آشِيس مانگي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وِڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي.

## پرتِگيا

’ڀارت مُنهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي اِنجي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ئي منهنجو سُک سمايل آهي.‘

ڀارتيہ سنوڌان

باب - چوٿون اَلف

### بُنيادي فرض

قلم 51A

بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڏوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اَکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ڀ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، ڪيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سُڌاري جي ڀاوناکي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنساکان پري رهندو.

(ٺ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ک) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو، جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هُجي.

# پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو،

نئون تعليمي سال شروع ٿيو آهي. توهانجي هٿن ۾ آيل هي درجي ڇهين جو ’ٻال ڀارتي‘ سنڌي ٻاشا جو درسي ڪتاب ڏسي توهانکي ضرور آنند ٿيو هوندو.

درسي ڪتاب جون سڀ ڪويتائون توهانکي چوڻ ۽ ڳائڻ ۾ پڪ ئي پڪ وڻنديون. اَلڳ اَلڳ سبق ۽ ڄاڻ وارا ليک پڙهي توهانکي پنهنجا آزمودا ياد ايندا. درسي ڪتاب جا سبق ۽ بيت سمجهڻ وقت توهانجي ڪلپنا شڪتي وڌندي. هرهڪ سبق لاءِ ۽ بيت لاءِ ڏنل رنگين، موهيندڙ ۽ موقعي موجب چٽرن مان توهانکي سبق وڌيڪ سٺي نموني سمجهڻ ۾ مدد ٿيندي. درسي ڪتاب جا چٽر توهانکي ضرور وڻندا. هي درسي ڪتاب اَڀياس لاءِ آهي تڏهن بہ اِن ذريعي توهانجي ويچارڻ مشغولي ڪرڻ جي لياقت وڌيڪ ۾ وڌيڪ وڌڻ واري آهي.

’لفظي راند‘ سِري هيٺ ڏنل نوان لفظ وري وري پڙهو، اُنهن جي معنيٰ سمجهو، نون لفظن جو اُپيوگ ڳالهائڻ وقت تز نموني ڪريو. اِن ڪري سنڌي ٻاشا جي اَلڳ اَلڳ لفظن جي سڃاڻپ ٿيندي ۽ تنهن ڪري سنڌي سُٺي نموني ڳالهائي سگهندا. ’اَچو تہ سوچيون‘، ’اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون‘ سِري هيٺ ڏنل گيان ۽ سمجهڻ لاءِ اَلڳ اَلڳ اَڀياس جي ڪري توهانکي سبق چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ ايندا.

’ڀاڻ ڪريون ڀاڻ سکون‘، ’وڌيڪ ڄاڻ‘ مشغولين مان توهانجي ويچار ڪرڻ ۽ ڪلپنا ڪرڻ، ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ۽ اَلڳ اَلڳ مشغوليون ڪرڻ جي چاهہ نرماڻ ٿيڻ واري آهي. ڪتاب، اَخبارون، اَلڳ اَلڳ ليک ۽ اِنٽرنيٽ واپرائي توهان کي نئين ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ مزو ايندو. اَلڳ اَلڳ لفظي رانديون ذريعي اَلڳ اَلڳ اَکرن ۽ لفظن مان تيار ٿيڻ وارو اَڀياس حل ڪرڻ سان توهانجو لفظن جو خزانو وڌندو.

’وياڪرڻ‘ مان توهانکي ڪيترن جزن جي سڃاڻپ ٿيڻ واري آهي. سڀ مشغوليون ڪرڻ سان توهين شڌ، صحيح ۽ اَٿردار سنڌي ٻولي ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ سکندا. گهر ۾، اِسڪوُل ۾، راند ڪرڻ وقت دوستن سان ڳالهائڻ وقت سنڌي ٻاشا جو فخر سان اُپيوگ ڪندا. ٻار دوستو، هن درسي ڪتاب سان دوستي ڪريو. من لڳائي پڙهو، سمجهي وٺو، ڳالهايو، لکو ۽ مزي سان سِکو.

توهان جي تعليمي سفر لاءِ ۽ سنڌي ٻاشا جي واڌاري لاءِ توهانکي من سان شُڀ ڪامنائون.

(اَنوراڌا اوڪ)
سنچالڪ
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و
اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي - ۴.

پُڻي
تاريخ : ۱ ميءِ ۲۰۲۶
ڀارتيہ سوريہ تاريخ : ۱۱ ويساک ۱۹۴۸،
مهاراشٽر ڏينهن

# علمي حاصلات

| لياقت | علمي حاصلات | صفحه نمبر |
| --- | --- | --- |
| ۱.۱.۱ | ٻڌل ۽ پڙهيل سماچار جا مکيه مُدا ۽ تاتپرج ٻڌائي ٿو. | ۱۸، ۷۸، ۸۰، ۹۱، ۹۸ |
| ۱.۱.۲ | اِشتهار سمجهي پڙهي ٿو ۽ اِشتهار تي آڌارت سوالن جا جواب ڏئي ٿو. | ۷۶، ۷۸، ۸۱ |
| ۱.۲.۱ | سڄاتل ماڻهن جي ملاقات ٻڌي ٿو ۽ اُنهن جي ملاقات جي رِٿا ۽ آيوجن ڪري ٿو. | ۹، ۹۴، ۹۷ |
| ۱.۳.۱ | نهڪندڙ ڀاشا ڪم آڻي مواد تي آڌارت سماجڪ آزمودن تي روايتي ۽ غيرروايتي سوال پڇي ٿو. | ۵، ۶۸، ۷۴، ۹۴ |
| ۱.۴.۱ | نهڪندڙ شعلي واپرائي اَلڳ اَلڳ مقصدن لاءِ غيرروايتي خط، ورنن ڪندڙ مضمون، اَحوال لکي ٿو. | ۱۲، ۴۴، ۴۷، ۷۸، ۸۷، ۸۸، ۸۹ |
| ۱.۵.۱ | ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ٻڌڻ ڏسڻ ماڌيم لاءِ وشيه موجب، واقعي موجب نعارا، نياپا ۽ گفتگو لکي ٿو. | ۵، ۹، ۴۳، ۵۰، ۵۱، ۵۲، ۶۰، ۷۱، ۹۵ |
| ۲.۱.۱ | اَلڳ اَلڳ سنسڪرتيءَ ۽ گذريل وقت جي ساهتيه جي اَلڳ اَلڳ نمونن ۾ چاهه وني ٿو ۽ خاصيتون ٻڌائي ٿو (لوڪ ساهتيه) | ۴۷، ۵۳، ۷۴، ۷۵، ۷۷ |
| ۲.۲.۱ | رنگين زباني سڃاڻي ظاهر ڪري ٿو ۽ مثال ٻڌائي ٿو. | ۳، ۷، ۴۰، ۴۲، ۵۳، ۶۰، ۶۶، ۷۴ |
| ۲.۲.۲ | پڙهيل مذڪور جون چوٽيون، اِصطلاح جي معنيٰ ڏيئي جملن ۾ ڪم آڻي ٿو. اَلڳ اَلڳ ڀاشا جون لفظ ڪوڏيون حل ڪري ٿو. | ۷، ۱۸، ۱۹، ۳۴، ۳۹، ۴۳، ۵۶، ۵۷، ۶۳، ۷۴، ۹۵ |
| ۲.۳.۱ | گهر ۽ پسگردائيءَ ۾ ملهائيندڙ ڏڻ ۽ اُتسوَ اِنهن بابت پنهنجا ويچار، رايا، ڪلپنائون زباني ۽ لکيل روپ ۾ ظاهر ڪري ٿو. | ۵، ۳۳، ۳۴، ۷۴ |
| ۳.۱.۱ | اِسم، اِسم جا قسم، ضمير ۽ اُن جا قسم، صفت، صفت جا قسم، ڪريا پد-فعل ۽ فعل جا قسم، شڌ لکڻ جا نيم، وياڪرڻ جي ڄاڻ حاصل ڪري ٿو ۽ اُنهن جو لکڻ ۾ اُپيوگ ڪري ٿو. | ۷، ۸، ۱۲، ۲۰، ۲۲، ۲۵، ۲۶، ۲۳، ۲۹، ۳۸، ۳۹، ۴۵، ۵۸، ۶۲، ۷۱، ۷۹، ۸۵، ۹۱، ۹۵، ۱۰۱ |
| ۳.۲.۱ | ڪٿا ۽ ڪويتا اِن ساهتيه جي قسمن جون خاصيتون، اَلڳ پڻو، شعلي، اَهميت جا مُدا سڃاڻي ٿو. | ۴۰، ۵۳، ۶۷ |
| ۳.۳.۱ | پنهنجي ڀاشا ۾ ڪٿا، ڪويتا لکي ٿو. | ۳، ۲۷، ۴۰، ۵۳ |
| ۴.۱.۱ | اَلڳ اَلڳ ساهتيه جي قسمن جا ڪتاب پڙهي تاتپرج ٻڌائي ۽ لکي ٿو. | ۵، ۱۱، ۲۷، ۳۵، ۵۵، ۷۴ |
| ۴.۲.۱ | پروجيڪٽ ۽ ٻين اُپڪرمن لاءِ ريفرنس ڪتاب ۽ اَلڳ اَلڳ ذريعا اَثردار نموني واپرائي ٿو. | ۲۵، ۴۰، ۵۵، ۵۹، ۸۰، ۹۳، ۹۵ |
| ۴.۳.۱ | اَلڳ اَلڳ مخزن پڙهي پنهنجا رايا ظاهر ڪري ٿو. | ۷۴، ۸۰ |
| ۵.۱.۱ | ڀاشا جي آئيوِيتا، سوَروِينجن، اُچار بابت بنيادي ڄاڻ ٻڌائي ٿو. | ۹، ۱۸، ۶۷ |
| ۵.۲.۱ | ڀاشڻ (تقرير) وڌيڪ منورنجڪ ۽ آنند وارو ٿيڻ لاءِ هم آوازي لفظ، هڪ ئي لفظ جو اَلڳ اَلڳ معنيٰ هوندڙ لفظ ڪم آڻي ٿو. | ۱، ۷، ۱۱، ۱۵، ۱۶، ۲۴، ۲۷، ۴۰، ۵۸، ۹۲ |
| ۵.۳.۱ | اَلڳ اَلڳ ڀاشا جي راندين جي ڄاڻ حاصل ڪري ٿو. مثال چرچا، اَکرن کي اُلٽ پُلٽ ڪري نوان لفظ تيار ڪرڻ. | ۲، ۶، ۱۱، ۱۲، ۱۳، ۲۷، ۴۱، ۴۵، ۴۶، ۴۸، ۴۹، ۵۰، ۵۳، ۶۴، ۸۳، ۱۰۱ |
| ۵.۴.۱ | سؤلي لفظ ڪوڏيون، لفظي رانديون پاڻ تيار ڪري ٿو. | ۶، ۱۴، ۱۶، ۱۷، ۲۹، ۴۱، ۴۶، ۸۴، ۹۰ |

## ماسترن لاءِ هِدايتون

- سڀ بيت، گيت، گانا، سُرتال ۽ اِشارن سان اَداڪاري ڪري ڇوايو. ورِي ورِي دُهرائڻ جو اَڀياس ڪرايو.
- ڪتاب ۾ ڏنل چٽرن، ڳالهين بابت ڳالهه ٻولهه ڪرايو. سوال پُڇو ۽ وڌيڪ ڄاڻ ڏيو.
- جوڙا ملائڻ لاءِ هڪ جوڙو توهين مِلائي، سمجهائي ٻيا جوڙا ٻارن کي ملائڻ لاءِ چئو.
- گفتگوءَ لاءِ ٻه ٻه ٻار يا گروپ ٺاهي پاڻ ۾ سوال پڇڻ جو اَڀياس ڪرايو. شاگردن کي سُهڻا اکر لکڻ لاءِ همٿايو.
- اَلڳ اَلڳ وشين تي چرچا ڪرائي، پنهنجا ويچار پختائيءَ سان پيش ڪن، اِن ڳالهه کي همٿايو.
- نوان نوان لفظ، اُنهن جي معني ۽ ڊڪشنريءَ مان ڏسي، اُنهن جا جملا تيار ڪرايو جيئن شاگردن جو لفظي خزانو وڌي.
- اَکر جوڙي لفظ ٺاهڻ، لفظ ڪم آڻي جملا ٺاهڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جو اَڀياس ڪرايو.
- لئبرريءَ مان نيم سان ڪتاب وٺي پڙهڻ لاءِ چاهه پئدا ڪريو.
- اَلڳ اَلڳ وشين تي نيٽ ذريعي، ڪتابن ذريعي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري، اِن لاءِ مدد ڪريو ۽ ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو.
- سکڻ سيکارڻ وڌيڪ اَثرائتو ڪرڻ لاءِ شاگردن کي وچ وچ ۾ رانديون، چرچا، پروليون سلڻ وغيره جهڙيون مشغوليون ڪرايو.
- اَلڳ اَلڳ ڇٽاپيٽين جو آيوجن ڪري اُن ۾ شاگردن کي ڀاڱ وٺڻ لاءِ همٿايو.
- خاص ضرورت هوندڙ ٻارن لاءِ سکڻ - سيکارڻ جي پرڪريا وقت اِشارا ٻولي (Sign Language) ائين ٻيو ڪو پورڪ سيکارڻ جو طريقو ڪم آڻيو جيئن اُنهن تائين مواد چڱيءَ طرح پهچي سگهي. خاص ضرورت هوندڙ ٻارن کي جنهن طريقي سان ممڪن هجي اُن طريقي سان ظاهر ڪرڻ جو موقعو ڏيو جيئن اُنهن جا رد عمل توهين حاصل ڪري سگهو. اَلڳ اَلڳ مشغولين بابت ڳالهه ٻولهه ڪرايو، سوال پڇو، ڄاڻ ڏيو.
- شاگرد مزي ۽ چاهه سان هر مشغوليءَ ۾ ڀرو وٺي ۽ اُنجو سکڻ آننددايڪ ٿئي اَهڙو واتاورڻ نرماڻ ڪري سيکاريو.

درجي ڇهين جي شاگردن کي سال جي اَندر گهٽ ۾ گهٽ مٿي ڏنل علمي حاصلات پوري ڪرڻ ضروري آهي. علمي حاصلات جي پڙ ۾ ڏنل صفحه نمبر ڪانسواءِ ٻين صفحن تي پڻ علمي حاصلات ٿِي سگهي ٿي.

- ٽرنگي جهنڊي جا رنگ جيڪڏهن مناسب نه هُجن ته اُهي تڪنيڪي ڪارڻ سبب ٿِي سگهن ٿا.

## ★ درسي ڪتاب ۾ واپرايل نِشانيون ★


پاڻ ڪريان - پاڻ سِکان


اَچو ته کِلون


اَچو ته ڳالهه ٻولهه ڪريون


ماسترن لاءِ


اَچو ته ڳايون


اَچو ته لِکون


اَچو ته پڙهون


اَچو ته ٻُڌون


وڌيڪ ڄاڻ


سائين لئنگويز

# فهرست


| نمبر | وشيه | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| | **پاڱو - ١** | |
| (١) | سخا (بيت) | ١ |
| (٢) | مهمان | ۴ |
| (٣) | ڊڪشنريءَ جي اَهميت | ٩ |
| (۴) | علم (بيت) | ١٥ |
| (۵) | دلير هواباز چندناٿي | ١٨ |
| (٦) | وَتايو فقيرُ | ٢٣ |
| | **پاڱو - ٢** | |
| (٧) | مُسڪرايون (بيت) | ٢٧ |
| (٨) | گڏيش اُتسؤ | ٣١ |
| (٩) | ڪاوڙ تي ڄاڻطو | ٣۵ |
| (١٠) | تندرستي (بيت) | ۴٠ |
| (١١) | اُهائي زبان اُس ۾ وِهاري<br>اُها ئي چانوَ ۾ وِهاري | ۴۴ |

| نمبر | وشيه | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| | **پاڱو - ٣** | |
| (١٢) | ساميءَ جا سلوڪ (بيت) | ۵٣ |
| (١٣) | ڪاڪو ڪنجوس | ۵٦ |
| (١۴) | مونکي ياد آهي ..... | ٦٠ |
| (١۵) | ٻين سان ڀلائي (بيت) | ٦۵ |
| (١٦) | سؤغات | ٦٨ |
| (١٧) | سنڌي لوڪ نرتيه | ٧۴ |
| | **پاڱو - ۴** | |
| (١٨) | اِخبار (بيت) | ٧٩ |
| (١٩) | فضيلت | ٨٣ |
| (٢٠) | محنت (بيت) | ٩٢ |
| (٢١) | نئين يوجنا | ٩۵ |
| (٢٢) | ريل جي مُسافري | ١٠٠ |

# ١ . سخا

**شروعات :** ماستر نثر ۽ نظم ۾ فرق سمجهائيندو. نظم ۾ گِيت، وايون، ڏوهيڙا وغيرهہ، ان جي ٿوري ۾ ڄاڻ ڏيندو. اَسان ڀارتواسين ۾ اِها روايت رهي آهي تہ صبح جي ۽ هر ڪم جي شروعات پرارٿنا سان ڪندا آهيون. ماستر اِها ڳالهہ سهڻي نموني سمجهائي بيت جي شروعات ڪندو.

**ٻُڌو ۽ ڳايو :**

تون سخي آهين سڀاجهو، در اَٿم تنهنجو جهليو،
هاڪ تنهنجيءَ ڪي ٻڌي، مان دوُر کان آهيان هليو.

مهت ڏي مالڪ مونکي، منهنجي مداين ڪي نہ ڏس،
عيب مون ۾ اَڻ ميا، سچ سچ اَٿم سائين سليو.

تون پريو پنڌار آهين، خالي جهولي پر ڪٽي،
آس هڪ تو ۾ رکي، مون آسرو جڳہ جو پليو.

تون هنئين جو ٺار آهين، ٺار وجهہ منٺار تون،
بي سبب دنيا جي حرصن ۾ جگر آهي جليو.

تنهنجي دم سان دل جي اُجڙيل، باغ ۾ ايندي بهار،
تو نظر جنهن تي ڪئي، سو دائما ڦوليو ڦليو.

تنهنجي چائنت تي پيو آهيان، پوئي من ترس ڪو،
مان ’ضيا‘ مجبور آهيان، روح جو توسان رليو.



۱. اچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون ۽ لکون.

جواب ڏيو.

۱) شاعر جو نالو ٻڌايو.

۲) ٻيا سنڌي شاعر ڪھڙا آھن؟ نالا ٻڌايو.

۳) توھان گھر ۾ ڪھڙي پرارٿنا ڪندا آھيو؟ ۽ ڪڏھن؟



۲. سٽون پڙھو ۽ عملي ڪم پورو ڪريو:

تنھنجي دم سان دل جي اُجڙيل، باغ ۾ ايندي بھار،
تو نظر جنھن تي ڪئي، سو دائما ڦوليو ڦليو.
تنھنجي چائنٽ تي پيو آھيان، ڀَوَئِي من ترس ڪو،
مان 'ضيا' مجبور آھيان، روح جو توسان رليو.

۳. خاڪو پورو ڪريو.

| | 'ب' سان شروع ٿيندڙ لفظ | |
|---|---|---|
| | | |

۴. لاڳاپو پورو ڪريو.

(الف) دم : ھستي :: ترس : ______

(ب) مجبور : مجبوري :: دل : ______

۵. ساڳئي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو.

| الف | ب |
|---|---|
| ھاڪ | آتما |
| مدايون | اوڳڻ |
| روح | برايون |
| عيب | ساراھ |

٦. هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو :

(الف) 'ا‌ڪ' سان واسطو رکندڙ لفظ - ..............................

(ب) بدن جو هڪ عضوو - ..............................

(پ) هڪ مند - ..............................

(پ) 'چائنٽ' لاءِ ٻيو لفظ - ..............................

(پ) 'ر' سان شروع ٿيندڙ لفظ - ..............................

٧. مشهور سنڌي شاعر سڃاڻو. اُنهن بابت ڳالهه ٻولهه ڪريو.







## وياڪرڻ

''مهت ڏي مالڪ مونکي، منهنجي مداين کي نہ ڏس.''

مٿي ڏنل سٽ ۾ ڪيترائي لفظ 'م' سان شروع ٿيندڙ آهن. ان ڪري سٽ ۾ هڪ خاص رونق اچي ٿي. سنڌي وياڪرڻ ۾ ان کي 'رنگين زباني' چئبو آهي.

'رنگين زباني' بيتن جو زيور آهي. ان جو استعمال نثر يا نظم ۾ ٿيندو آهي.

سٽ ۾ جيڪڏهن ساڳيو اکر ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ دفعا استعمال ٿيل هجي تہ اُن رنگين زباني کي 'تجنيس حرفي' چئبو آهي.

**ڪجھ مثال :**

١) پيارا پُٽ پمن، پاپڙ پچائي پاٽي پيئار.

٢) سيتا سائي ساڙهي پاتي.

٣) چندوءَ چاچيءَ کي چانديءَ جي چمچي ۾ چٽني چٽائي.

٤) ڪڪرن ڪاري ڪارنهن ڪئي.

اهڙي نموني بيت مان 'رنگين زباني' سٽون ڳولهيو.

## ٻوليءَ جي سونهن

**پرارٿنا ۾ وڏي شڪتيِ هونديِ آهي.**



هدايتون : ماستر سڳا پرارٿنا جي معنيٰ سمجهائي جدا جدا شاعرن جي ڄاڻ ڏيندو. لئبرريءَ مان شاعرن جا ڪتاب آڻي ٻارن کان پڙهائيندو ۽ جدا جدا سوال پڇندو. رنگين زباني بابت سمجهائيندو. بيت جا جدا جدا قسم پڻ سمجهائيندو.

# ٢. مهمان

**شروعات :** اَسان جي ڀارتيہ سنسڪرتيءَ ۾ مهمان کي ڀڳوان جو روپ مڃيو ويندو آهي. پر ساڳئي وقت مهمان جون ڪجهہ ذميواريون هونديون آهن، ماسترٻارن کي اِها ڳالهہ سمجهائيندو.

## پڙهو ۽ سمجهو.



چوندا آهن تہ مهمان ڪنهن نصيب واري جي گهر ايندو آهي. چاڪاڻ تہ اُن ۾ ٽيٽيهہ ڪروڙ ديوتائن جو واس آهي. سو منهنجو بہ ڀاڳ کليو، جڏهن رات جو ساڍي ٻارهين بجي اسانجي گهر مهمان اچي وارد ٿيا. اسين گهرجا ڀاتي ڪائي پي سپ اون لاهي منڙي ننڊ ۾ سمهيا پيا هئاسين. اوچتو دروازي تي ٺڪ ٺڪ جو آواز ٿيو.

درڪولي جان ڪٽي ڏسان تہ اسانجو هڪ پريون مائٽ پنهنجي پتنيءَ ۽ ٻن ٻارن سميت هڪ پيتي ۽ بسترو جهليو ٻاهر بيٺو آهي. مون ٻاهرئين نموني منهن تي مرڪ آڻي کين چيو، ”اچو سائين، ڀلي ڪري آيا.“ مهمان آکڻ لڳو، ”توهان تہ اسان وٽ اچو ڪونہ ٿا. آخر اسان کي ئي توهانجي اُڪير لڳي. دل ۾ سوچيم تہ ٻارن کي اسڪول مان وئڪيشن آهي، ڇو نہ توهان وٽان بہ ٿي ڏينهن گهمي ڦري وڃون.“

پيتي ۽ بسترو وڇنديون مان اُنهن کي اَندر اچڻ لاءِ چيو. کُٽمهلي وقت مهمانن کي آيل ڏسي منهنجي شريمتيءَ جي پيرن هيٺان زمين کسڪي ويئي. پر تڏهن به ٻاهرئين طرح اُنهن جو آدر ستڪار ڪيائين. ڪين روٽي پاٽيءَ جي آچ ڪيائين. مهمان جي گهرواريءَ اُمالڪ چيو ”صبوح جو يارهين وڳي گاڏيءَ ۾ ويٺا آهيون. مٿان هيءَ مهل ٿي آهي. ٻارن نه ڪجهه کاڌو آهي نه ڪيرپيتو آهي.“

منهنجي گهرواري اندر ۾ سوڙپي آيل مهمانن لاءِ روٽي تيار ڪئي. گهر ۾ کير بلڪل ڪو نه هو. کير لاءِ پاڙي وارن جو در کڙڪايوسين. مشڪل سان ٿورو کير مليو. ٻن پلنگن تي وڇايل بسترن تي مهمانن کي سمهاري، اسين گهر جا ڀاتي هيٺ فرش تي ئي سمهي پياسين.

صبوح جو منهنجي زال چانهه تيار ڪئي. مهمان منهن ۾ گهنج وجهي چيو، ”اسين ته صبوح جو گهاٽي کيرواري ڪافي پيئندا آهيون. اُن سان گڏ بسڪيٽ پڻ کائيندا آهيون.“

دل جو سور دل ۾ پچي بازار ۾ ويس. قسمت سان هڪ دوڪان کليل هو. ڪافيءَ جو دٻو ۽ بسڪيٽ وٺي آيس. تنهن کانپوءِ درجي به درجي سندن فرمائشون وڌنديون ويون. نيرن منجهند ۽ رات جي روٽيءَ وقت، منهنجي گهرواريءَ کي سوادي ۽ لذيذ طعام ناهڻا پيا. مگر مهمانن جون ڪسرون هوءَ برتنن مان ڪڍڻ لڳي. ٻاسڻ جي ٺڪا ٺوڪي لڳي ويئي. دلداري ڏيندي چيومانس، ”ڀاڳن ڀري، مهمان ته ڪنهن ڀاڳن واري ميزبان وٽ ايندا آهن. اٿين خفي نه ٿيءُ.“

خير ٻن ٽن ڏينهن لاءِ آيل مهمان پورو هڪ هفتو رهيا. ڪنهن ڏينهن برلا مندر ته ڪنهن ڏينهن جهولي لعل مندر ڏسڻ لاءِ پنهنجي اِڇا پرگهٽ ڪيائون ته ٻئي ڏينهن مڪتي ڌام ۽ گنگا گهاٽ گهمائڻ لاءِ چوڻ کان به ڪين هٻڪيا. مونکي آفيس مان موڪل وٺي مهمانن سان گڏ شهر جي پرڪرما ڏيڻي پيئي. رڪشا وغيره جو ڀاڙو ڏيڻ لاءِ مهمان مهاشيه پنهنجو ٻٽئون ڪو نه کوليو مون اهو سڀ ڪجهه پاڻ تي هموار ڪيو.

وڃڻ واري ڏينهن مهمان مهاشيه پنهنجي آخرين اِڇا ظاهر ڪندي چيو، ”ٻڌو اٿم ته اوهانجي شهر جا بيهه ۽ پاٻوڙا ڏاڍا مشهور آهن.“ مون ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي ته جهٽ منهن کوليندي چيائين، ”مون کي پاڙي اوڙي وارن به چئي ڇڏيو آهي ته اسان لاءِ پڻ وٺي اچج.“ مون انڪار ڪو نه ڪيو. مهمانن کي مارڪيٽ ۾ وٺي هليس. پورا پنج ڪلوگرام بيهه ورتائين ۽ ٻه درجن پاٻوڙا. مان پنهنجي حالت تي افسوس ڪائڻ لڳس.

خير، مهمان سک سان روانا ٿيا. ٻئي ڏينهن دفتر ۾ جڏهن پهتس ته اِهو پگهار جو ڏينهن هو. پگهار ملي. ڏسان ڪٽي ته صاحب اُنهن ستن ڏينهن جي پگهار ڪٽي ڏني هئي. منهنجون ٻه به ويئون ته ڇهه به ويئون. شريمتي مون تي ڏمرجڻ لڳي. مان اهڙو ڪڇان جهڙي پيت.

مان پرماتما کي پرارٿنا ڪرڻ لڳس ته اي پربو ! اسان وٽ مهمان اچن، اُن لاءِ مون کي ڪا به شڪايت ڪانهي، مگر اسان جي عزيزن کي مهمان بڻجڻ سيکار ته تنهنجو شڪرگذار رهندس.

هدايت : ماستر شاگردن کان اُنهن جي گهر ۾ آيل مهمانن بابت گفتگو ڪرائي پنهنجو مهمان سان آزمودو لکڻ لاءِ چوندو.

۱. اچو تہ ڳالھہ - ٻولھہ ڪريون ۽ لکون.

جواب ڏيو.

۱) توهان مائٽن وٽ ڪڏهن ڪڏهن گهمڻ ويندا آهيو ؟

۲) مهمان نوازي ڪيئن ڪرڻ گهرجي ؟

۳) مهمان کي ڪهڙا ڳڻ پالڻ گهرجن ؟

۲. هڪ سٽ ۾ جواب ڏيو.

۱) مهمان بابت ڇا چيو ويندو آهي ؟

۲) مهمان ڏسي ليکڪ جي پٽنيءَ جو ڪهڙو حال ٿيو ؟

۳) مهمان ڪٿي سمهيا ؟

۴) ليکڪ جي گهٽڻ ڏينهن جي پگهار ڪٿجي ويئي ؟

۳. هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

| بيان | ڳالهائيندڙ | ٻڌندڙ |
|---|---|---|
| ۱) توهان تہ اسان وٽ اچو ڪونہ ٿا. | مهمان | ............ |
| ۲) ................................. | ليکڪ | مهمان |
| ۳) ’صبح جو يارهين وڳي گاڏيءَ ۾ وينا آهيون.‘ | ............ | ليکڪ جي زال |
| ۴) ’دل جو سور دل ۾ پي بازار ۾ ويس.‘ ليکڪ | ليکڪ | ............ |

۴. مثال سمجهي لفظن جون معنائون لکو.

| ڪمهلو | نصيب | اُمالڪ | اون | اُڪير | لذيذ |
|---|---|---|---|---|---|
| بي وقت | | | | | |

۵. هينين مان اسم ذات ڳولهيو.

ڀاڳوان، سوادي، مشهور لذيذ

## پاڻ ڪَريون - پاڻ سِکون

۱. اَڻ ڏنل تڪرپڙهي عملي ڪم پورو ڪريو :

آزاديءَ جو ڏينهن ۽ پرجاوادي ڏينهن اسان جا قومي ڏڻ آهن. ۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ع تي اسان جو ديش برٽش حڪومت کان آزاد ٿيو. اُهو ڏينهن اسين آزاديءَ جو ڏينهن ڪري ملهائيندا آهيون. ۲٦ جنوري ۱۹۵۰ع کان پارتيہ وڌان تي عمل ڪرڻ شروع ٿيو. اُن ڏينهن کي اسان پرجاوادي ڏينهن ملهائيندا آهيون.

۲.　خاڪو پورو ڪريو.

| ڏڻ | تاريخ |
|---|---|
| ١)　آزادي ڏينهن | ............ |
| ٢)　پرجاوادي ڏينهن | ............ |

۳.

| اسم | صفت |
|---|---|
| آزادي | ........... |
| ........... | ڏينهوڪو |
| حڪومت | ........... |
| قوميت | ........... |
| ........... | پارٽيءَ |

۴.　ست پڙهو ۽ جواب لکو.

’سڀ ديشواسي ملهائيندا آهيون.‘

(الف)　ديش ۾ رهندڙن کي ڇا چئبو آهي ؟

(ب)　ست مان ’فعل‘ ڳولهيو.

۵.　تڪرمان اُهي لفظ ڳولهي لکو. جيڪي ’حرف جر‘ هجن.

## اچو تہ ڄاڻ حاصل ڪريون

ڪرامت ــــ خذمت　　قسمت ــــ رحمت

ڪُمت ــــ سُمت　　مرمت ــــ سلامت

اِهي هم آوازي لفظ آهن ۽ سڀئي وقت اِنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ’مت‘ آهي.

اَهڙي نموني ’ستڪار‘ لفظ جا هم آوازي لفظ ڳولهيو، جن جي آخر ۾ ’ڪار‘ هجي.

## ٻوليءَ جي سُونهن

**مهمان پيڳوان جو روُپ هوندا آهن.**

هدايتون :　ماستر ’جنس مذڪر‘ جنس مونث جا قاعدا سمجهائي نوان نوان سوال پڇندو. جنس مذڪري جنس مونث ۾ بدلائي نوان جملا ٺاهڻ لاءِ چوندو.

پروجيڪٽ :ٻئي جي گهر ۾ سنو مهمان بڻجي ڪيئن رهجي ؟ پنجن جملن ۾ جواب لکو.

# وياڪرڻ

١. ساهوارن کانسواءِ باقي اسمن يا ضميرن جي جنس ’بي جان‘ ٿيندي آهي.

مثال : قلم، ڪرسي، ٿالهي، ڪتاب، دروازو وغيره ساهوارن ۾ جنس بدلائڻ جا ڪجهه قاعدا

١) قدرتي جنس : جيڪي لفظ ’مرد‘ يا ’عورت‘ کي ظاهر ڪن ٿا. تن کي قدرتي جنس چئبو آهي :

| | |
|---|---|
| مثال : پيءُ - ماءُ | چاچو - چاچي |
| نانو - ناني | ماسڙ - ماسي |

٢. (الف) لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ’ي‘ جوڙڻ سان جنس بدلائڻ.

چاچو - چاچي

ڇوڪرو - ڇوڪري

گهوڙو - گهوڙي

ٻڪرو - ٻڪري

(ب) لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ’ياڻي‘ جوڙڻ سان جنس بدلائڻ.

ماستر - ماسترياڻي

ڊاڪٽر - ڊاڪترياڻي

پنڊت - پنڊتياڻي

سنت - سنتياڻي

(پ) لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ’ٺي‘ جوڙڻ سان جنس بدلائڻ.

مهاٺو - مهاٺي

سهٽو - سهٽي

شينهن - شينهٽي

هرڻ - هرڻي

اهڙي نموني هيٺين جي جنس بدلايو :

| ماموں | پڦي | ڀڳت |
|---|---|---|
| | | |

| نوڪر | ٻلو | هاٿِڻ |
|---|---|---|
| | | |

# ٣. ڊڪشنريءَ جِي اَهميت

**شروعات :** ماستر 'اِنٽرويو' ۽ 'گفتگو' وچ ۾ فرق سمجهائي، ننڍا ننڍا سوال پڇي سبق جي شروعات ڪندو ۽ ٻوليءَ ۾ لفظن جي اَهميت سمجهائيندو.

**پڙهو ۽ عمل ۾ آڻيو.**




**ماستر :** ٻارو، ڪالهه مون اوهان کي جنهن سبق جا سوال لکڻ لاءِ ڇيو هو، ڇا اُهي لکي آيا آهيو ؟

**رميش :** سائين، مان سبق پڙهيو مون کي اُن جا ڪيترا لفظ سمجهه ۾ ڪو نه آيا.

**ماستر :** اُهي ڪهڙا لفظ آهن ؟

**رميش :** لاثاني، اَزخود، طعام.

**گيتا :** سائين مونکي به ڪي لفظ سمجهه ۾ ڪو نه آيا، جيئن تہ مسڪين، تاثير، اَختياري.

**گوپال :** سائين مون کي به ڪي لفظ ڏکيا لڳا جيئن تہ خورش، پسگردائي، وگيان.

**ماستر :** ٻارو لڳي ٿو اوهان جو شبد ڀنڊار ڪجهه ڪمزور آهي. اوهانجي گهر ۾ شبد ڪوش ڪو نہ هو ڇا ؟

**گوپال :** سائين ! اِهو لفظ تہ اَسين نئون ٿا ٻڌون. شبد ڪوش جو مطلب ڇا آهي ؟

**ماستر :** گوپال، لئبرريءَ ۾ وڃ ۽ اُتان سنڌي شبد ڪوش کڻي اَچ. (ٿوري وقت کانپوءِ گوپال هڪ ٿلهو ڪتاب کڻي اَچي ٿو.)

**ماستر :** ٻارو، هي ڏسو هن وڏي ڪتاب کي شبد ڪوش يا اَنگريزيءَ ۾ ڊڪشنري چئبو آهي. هن کي سنڌيءَ ۾ لغت بہ سڏيو ويندو آهي. هن ۾ هزارين لفظ ۽ اُن جون معنائون ڏنل آهن. ڪن ٻولين جي شبد ڪوش ۾ تہ لکين لفظن جون معنائون لکيل آهن.

**رميش :** سائين هزارين لفظن مان اَسين هي لفظ ڪيئن ڳولهي ڪيدداسين. اَسانجو تہ متو ئي چٽ ٿي ويندو.

**ماستر :** نہ نہ اِن لاءِ مان اَوهان کي سؤلو طريقو ٻڌايان ٿو. جڏهن اَوهان هن ڪتاب کي کوليندا تہ ڏسندا تہ لفظ آئيويتا ۽ هِجِ موجب سلسليوار ڏنل آهن. جيڪڏهن اِهو سلسلو ڌيان ۾ رکبو تہ معني ڪڍڻ سولي ۽ مزيدار لڳندي.

گيتا : سائين، ”مسڪين“ لفظ هن شبد ڪوش ۾ ڪيئن ڳولهجي ؟

ماستر : هي وٺ ڪتاب ”م“ وارو صفحو ڪڍ ۽ ڏس تہ مسڪين لفظ ڪٿي آهي ؟ (ٿوري ديرڪانپوءِ) گيتا توکي لفظ ڳولهڻ ۾ ديرڇو لڳي ؟

گيتا : سائين اَلائي ڇو لفظ ڳولهي نٿي سگهان ؟

ماستر : لفظ هِجي موجب ڏنل آهن، پهرين زبر وارو ۽ پوءِ مد (آ) وارا ۽ پوءِ زير وغيره وارا لفظ هاڻي ”م“ کي زيرڏنل لفظ ۾ ڳولهہ.

گيتا : سائين هاڻي مون سمجهيو، اِجهو مون مسڪين لفظ لڌو. ”م“ مان ڪانپوءِ ”مِ“ ۾ لڌو اٿم.

ماستر : هاڻي تون مسڪين جي معنيٰ سيني کي پڙهي ٻڌاءِ.

گيتا : سائين شبد ڪوش ۾ مسڪين جون ٽي معنائون ڏنل آهن. جيئن تہ غريب، دريدر ۽ نرڌن.

ماستر : اهڙي نموني توهان ڪوبہ لفظ شبد ڪوش مان ڳولهي سگهندا. منهنجي توهان کي صلاح آهي تہ پنهنجن مائٽن کي چئو تہ توهانکي ننڍو شبد ڪوش وٺي ڏين.

رميش : سائين شبد ڪوش مان بيا ڪهڙا فائدا آهن ؟

ماستر : جيئن توهان وڏن درجن ۾ ايندا تہ توهان جدا جدا ٻوليون سکندا. اَڳہ وشين کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ توهان کي ڊڪشنري وڏي مدد ڪندي.

ٿوري ۾ شبد ڪوش جي اَهميت هن ريت آهي. هڪ ئي لفظ جا اَنيڪ اَرٿ يا معنائون سکڻ سان اَسانجو شبد ڀنڊاروڏي ٿو.

جدا جدا لفظن، اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوڻين جون معنائون اَسين ڪنهن ٻئي جي مدد کانسواءِ ڳولهي سگهون ٿا ۽ پاڻ تي ڀاڙڻ سکون ٿا.

اَسانجي ٻولي مالدار ۽ اَسانجو اِظهار اَثردائڪ ٿئي ٿو. اَسين شڌ ۽ تز لفظ اِستعمال ڪرڻ سکون ٿا. ٻوليءَ کان سواءِ ٻين وشين جي نون ۽ وگيانڪ لفظن کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي.

اَڳہ اَڳہ ٻولين جي لفظن جي صحيح اُچارڪرڻ ۾ پڻ سهوليت ٿئي ٿي. چاڪاڻ تہ شبد ڪوش ۾ صحيح اُچارپڻ ڏنل ٿين ٿا.

اَسين واندڪائيءَ جي وقت جيڪڏهن شبد ڪوش پڙهڻ جي عادت رکون تہ اَسان جو وقت سجايو ۽ گيان وڌائيندڙ ٿيندو.

شبد ڪوش اَسان جي ٻوليءَ جي ماهريت کي وڌائي اَسان جي شخصيت جو وڪاس ڪري ٿو. شبد ڪوش مان جدا جدا لفظن جي بنيادي بناوت ۽ اَوائلي حالتن بابت پڻ ڄاڻ حاصل ڪري سگهون ٿا.

گرامر موجب لفظن کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ لاءِ پڻ ڊڪشنري اَسان کي وڏي مدد ڪري ٿي.

شبد ڪوش پڙهڻ سان اَسين ٻيون ٻوليون پڻ سکي سگهون ٿا.

گيتا : سائين، اَسان هاڻي سمجهيوسين تہ شبد ڪوش سچ پچ گيان ڪوش آهي.شبدن جو ڀنڊار آهي. اَسان سڀاڻي ئي هڪ سنو شبد ڪوش خريد ڪري اُن جو گهرائيءَ ۽ گنڀيرتا سان ساڌهہ اَڀياس ڪنداسين.

هدايت : ماستر ٻارن کي سنڌي ڊڪشنري ڏيکاري استعمال ڪرڻ سيکاريندو ۽ نوان لفظ گڏ ڪرڻ لاءِ همٿائيندو.

۱. اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لکون.

جواب ڏيو.

۱) ماستر رميش کي چا ڪٽي اَچڻ لاءِ چيو ؟

۲) ڊڪشنريءَ ۾ ڪهڙي چاڻ ڏنل هوندي آهي ؟

۳) واندڪائيءَ جي وقت ۾ ڊڪشنريءَ ڪيئن ڪمائتي ٿي سگهي ٿي ؟

۲. هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهنکي چيا آهن ؟

| | ڳالهائيندڙ | ٻُڌندڙ |
|---|---|---|
| ۱) ”لئبرريءَ ۾ وڃي اُتان سنڌي ڊڪشنري وٺي اَچ.“ | ڳالهائيندڙ | ٻُڌندڙ |
| ۲) ”ڊڪشنريءَ مان ٻيا ڪهڙا فائدا آهن ؟“ | | |
| ۳) ”اَلآئي چو ڳولهي نٿي سگهان.“ | | |
| ۴) ”هزارن لفظن مان گهربل لفظ اسان ڪيئن ڳولهي سگهنداسين.“ | | |

۳. هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.

| لفظ | معني | جملو |
|---|---|---|
| ۱) مدد | ........................ | ........................................................................................ |
| ۲) ڪوشش | ........................ | ........................................................................................ |
| ۳) گهربل | ........................ | ........................................................................................ |
| ۴) ڪمزور | ........................ | ........................................................................................ |

۴. ساڳئي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| ۱) مسڪين | هميشهہ |
| ۲) وڪاس | غريب |
| ۳) لاثاني | واڌارو |
| ۴) ساندهہ | بي مثل |

اَچو تہ چاڻ حاصل ڪريون

۱. ڪجهہ سنڌي ڊڪشنرين بابت چاڻ :

۱) اي ڊڪشنري : سنڌي ۽ انگلش - ڪئپٽن اسٽيڪ، ۱۸۵۵ (ممبئي)

۲) انگلش اَئنڊ سنڌي ڊڪشنري - ايل. وي. پرانجپي، ۱۸٦۸ (ممبئي)

۳) اي سنڌي - اِنگلش ڊڪشنري - جارج شرٽ ۽ اُڌارام ٿانورداس، ۱۸۷۹ (ڪراچي)

۴) اي سنڌي - اِنگلش ڊڪشنري - پرمانند ميوارام، ۱۹۱۰

۵) اَئن اِنگلش - سنڌي ڊڪشنري - پرمانند ميوارام، ۱۹۳۳

٦) مراٺي سنڌي شبد ڪوش - پروفيسر لڇمڻ هردواڻي، ۱۹۹۱

اَ پرئڪٽيڪل سنڌي اِنگلش ڊڪشنري - ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي، ۲۰۱۴

## پاڻ ڪريون - پاڻ سکون

١. (الف) ڊڪشنريءَ جو اِستعمال ڪري هيٺين لفظن جي معنيٰ ڳولهي ٻڌايو :

| | | |
|---|---|---|
| قديم .................. | خودمختيار .................. | موروثي .................. |
| جوڳو .................. | عَليحدو .................. | سگهارو .................. |
| مُوافق .................. | حيرت .................. | مشغول .................. |
| پرهيز .................. | واندڪائي .................. | سانده .................. |

(ب) اِنٽرنيٽ اِستعمال ڪري انگريزي ڊڪشنريءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.

٢. سنڌي آئيوٽا موجب هيٺين لفظن جو سلسلو ٺاهيو.

عزت، ماڻ، سڪ، ظاهر، جَنم، پَڪي، هلڪو، قابِلُ، خرابُ، ٻيڙي، اَنب

٣. ڊڪشنري

ڊُڪ — شڪ — نر — يش — ڪن — رنڊڪ — نڪ

ڊڪشنري لفظ مان مٿيان لفظ نڪتل آهن. اَهڙي نموني ’ڌرماتما‘ لفظ مان ٻيا ڪهڙا لفظ ٺهي سگهن ٿا، اُهي لکو.

ڌرماتما

_____ _____ _____ _____ _____ _____ _____

٤. ’ڊڪشنريءَ مان فائدا‘ اِن وشيه تي پنج ست جملا لکو.

٥. مثال سمجهي خاڪو پورو ڪريو.

| لفظ | اِسم | ضمير | صفت | فعل |
|---|---|---|---|---|
| ٻولي | ✓ | X | X | X |
| آسان | | | | |
| آهي | | | | |
| مالدار | | | | |
| پسگردائي | | | | |
| تون | | | | |

## توري وندر

۱. هرهڪ ڏنل لفظ لاءِ چار مُتبدل جواب ڏنل آهن جِن مان ٽي لفظ ذري گهٽ معنيٰ سان ٺهڪندڙ آهن، چوٿون اَڻ ٺهڪندڙ لفظ ڳولهي اُن مٿان گول پايو.

مثال : مزو، آنند، دان، موڄ

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ۱) | گهٽو | : | جهجهو، | ٿورو، | وڌيڪ، | جام |
| ۲) | جج | : | وڪيل، | اَمين، | سرپنچ، | منصُفُ |
| ۳) | وقت | : | سمو، | ٽاٽو، | ويل، | گهڙيال |
| ۴) | لڙائي | : | سمر، | جهڳڙو، | جنگ، | يڌِ |
| ۵) | نڪمو | : | خارج، | ردي، | اوٽائي، | اَجايو |
| ٦) | غير آباد | : | ويران، | اُجڙ، | سُڃ، | ساوڪ |
| ۷) | سوُر | : | بدن، | اَهنج، | تڪليف، | پريشاني |
| ۸) | سار | : | اِختصار، | تاتپرج، | مچوڙ، | حَدَ |
| ۹) | پڊُ | : | آلسي، | سُست، | ٽوٽِي، | چُستِ |
| ۱۰) | خير | : | تڪليف، | ڀَلائي، | ڀَهتري، | چڱائي |

۲. توهانجي ٻن دوستن / ساهيڙين جي گروهہ ۾ جهڳڙو ٿي ويو آهي تہ اِن حالت ۾ توهين ڇا ڪندا ؟



۳. ٽڪر پڙهو ۽ عملي ڪم پورو ڪريو :

اسان جي ٻولي مالدار ۽ اسانجو اظهار اثرائتو رهي ٿو. اسين ڪُڏ ۽ تز لفظ استعمال ڪرڻ سِگهون ٿا. ٻوليءَ ڪان سواءِ ٻين وشين جي نوَن ۽ وڳيانڪ لفظن ڪي سمجهڻ ۾ سؤلائي ٿئي ٿي.

۱) هيٺيان لفظ اِستعمال ڪريو ۽ نئون جملو ٺاهيو.

مثال : ٻولي، اِظهار

جملو : اسان ٻوليءَ ذريعي پنهنجا ويچار اظهار ڪندا آهيون.

(۱) استعمال، لفظ

(۲) سؤلائي، سواءِ

(۳) وشيہ، نوان

۲) مال + دار = مالدار

اهڙي نموني چوڪنڊي مان اهي لفظ ڳولهيو جن ۾ ’دار‘ جوڙي مناسب لفظ ٺاهي سگهجي.

| |
|---|
| لفظ، خبر، جان، شاهو، اُچار، وفا، طاقت، اثر، سمجهہ |

۳) [ ] ← ضد ← شُڌ → هم آوازي لفظ → [ ]

شُڌ ↓ معني ↓ [ ]

۴. مثال سمجهي ’لفظ‘ سان لاڳاپو رکندڙ ٽي لفظ لکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مثال : | ٻولي | جُملو | آواز | تقرير |
| ۱) سنو | | | | |
| ۲) خوُشي | | | | |
| ۳) آرام | | | | |

۵. ٽڪرمان ’صفتون‘ ڳولهي لکو.

## ٻوليءَ جي سونهن

ٻولي ٻچندي تہ سُڄاڻپ ٻچندي

پروجيڪٽ : ڏکين لفظن ۽ اُنهن جي معنيٰ جو چارٽ ڳهران ٺاهي ڪٽي اَچڻ لاءِ چوندو. نئون وشيہ ڏيئي گفتگو لکڻ لاءِ چوندو.

# ۴. علم

**شروعات :** ماستر ڪجهہ جهونا بيت ياد ڪرائيندو. بيت ۾ اِستعمال ٿيندڙ رنگين زبانيءَ جو ذڪر ڪندو. بيت بابت سار ٻڌائي بيت جي شروعات ڪندو.

ٻڌو ۽ ڳايو.



علم اسان جو شان وڏائي،
علم اسان جو ماڻ وڏائي.

علم سواءِ سڀ اوندهہ آهي،
علم اکين تان ڪوپا لاهي.

علم عقل کي چوٽِ رسائي،
علم ڪري سو جيڪي چاهي.

علم سان عزت بيشڪ ملندي،
علم سان دولت بيشڪ ملندي.

علم جي دولت آهي خدائي،
ڪنهن نہ ڪپائڻ ساڻ کپائي.

هردم رک تون علم سان پيار،
علم بنا ٿئي ڪو نہ سڌار.

١. اچو ته ڳالهه ٻولهه ڪريون ۽ لکون.

١) اکين تان ڪوپا ڪير لاهي ٿو ؟

٢) عزت دؤلت ڇا سان ملندي ؟

٣) شاعر ڪنهن سان هردم پيار رکڻ لاءِ چوي ٿو ؟

٢. علم حاصل ڪرڻ مان ڪهڙا فائدا آهن ؟

٣. مناسب جواب چونڊي خال ڀريو.




١) علم اسان جو ............ وڏائي.

٢) ............ سواءِ سڀ اونڌهي آهي.

٣) علم سان عزت بيشڪ ............ .

۴) هردم رک تون علم سان ............ .

۴. هيٺين لفظن جا هم آوازي لفظ لکو.

شانُ، → [ ]

آهي → [ ]

## پاڙ ڪريون - پاڙ سکون

١. چوکنڊي مان مناسب لفظ چونڊي بيت جون سٽون پوريون ڪريو.

| شان، ڪوڙ گيان، ڏوڙ |
|---|

علم بنا سڀ ............ آهي.

علم بنا سڀ ............ آهي.

علم وڏائي ............

علم وڏائي ............

٢. بيت جي آڌار تي عملي ڪم پورو ڪريو :

(١) برئڪيٽ مان مناسب هم آوازي لفظ ڳولهي چوکنڊي ۾ لکو.

١) علم - [ ] (قلم، قبول، قول)

٢) مان - [ ] (شاد، شان، شام)

٣) رکُ - [ ] (ڪت، ڪس، ڪکُ)

۴) سڌار - [ ] (پيار، پکڙ، پل)

٣. هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو:

١) روشنيءَ جو ضد -

٢) ڏسڻ جو حواس -

٣) 'پڪ' لاءِ ٻيو لفظ -

٤) 'خزانو' لاءِ ٻيو لفظ -

٤. 'بيشڪ' لفظ ۾ 'بي' اڳياڙي لڳل آهي. هيٺ چوڪنڊي مان اُهي لفظ ڳولهي لکو. جن ۾ 'بي' اڳياڙي لڳائي لفظ ناهي سگهجن ٿا.

رحم، ڪوڙ، پرواهہ، سچ، ناچ، عقل، تنگ، سواد، شرم

٥. خاڪو پورو ڪريو.

علم سان



## ٿوري وندر

١. مثال سمجهي مناسب جواب لکو:

مثال: علم - عالم

١) خلق -

٢) قصد -

٣) حڪم -

٤) شعر -

٢. چوڪنڊي مان لفظ کڻي بيت تيار ڪريو.

ودوان، دولت، شان، محبت

١) تعليم آهي سچي .............

٢) ڪر اُن سان سچي .............

٣) پڙهي لکي ٿي .............

٤) وڏائي ديش جو گهٽو .............

## ٻوليءَ جي سونهن

علم اِنسان جي ٽين اک آهي.



هدايتون: ماستر ٻارن کي نثر ۽ نظم ۾ فرق سمجهائي، نوان بيت تيار ڪرڻ لاءِ همٿائيندو. لئبرريءَ مان ڪنهن شاعر جو ڪتاب ڪلاس ۾ آڻي ٻارن کان پڙهائيندو ۽ رنگين زباني ڳولهڻ لاءِ چوندو.

# ٥. دلير هواباز چندناڻي

**شروعات :** ماستر ديش لاءِ جان ڏيندڙ شهيدن بابت سوال پڇندو. مثال شهيد هيمون ڪالاڻي، شهيد پريم رامچنداڻي وغيره. دلير هواباز چندناڻيءَ بابت ٿوري ۾ ٻڌائيندو ۽ سبق جي شروعات ڪندو.

**ٻڌو، پڙهو ۽ ٻڌايو.**



دنيا ۾ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون ٿين ٿيون جيڪي ناممڪن ڀاسنديون آهن. وشواس ٿي نہ ايندو آهي تہ اهڙي نرالي ڳالهہ ٿي سگهي ٿي. ڀارت پاڪستان جي جنگ ۾ اهڙيون نراليون گهٽنائون ٿيون. جن سڄيءَ دنياکي تپرس ۾ وجهي ڇڏيو.

١٩٧١ع ۾ ڀارت - پاڪستان جي جنگ هلندي هڪ ڏينهن ڀارتي هوائي سينا جي هوائي جهازن دشمن جي ملڪ تي حملو ڪيو. ڀارتي هوائي دستي جا ٻيا جهاز تہ پنهنجو ڪم پورو ڪري سلامت واپس موٽي آيا. پر هڪ ڀارتي هوائي جهاز دشمن جي گولين کان بچي نہ سگهيو. گولي لڳڻ ڪري ڀارتي هوائي جهاز کي باهہ وڪوڙي ويئي ۽ اُهو دشمن ملڪ جي ايراضيءَ ۾ وڃي ڪريو. ڀارتي هوائي بازن هڪدم ريڊيو تي پنهنجي بالا عملدارن کي اهڙو سماچار ڏنو. اُن هوائي جهاز ۾ ڀارتي هوائي فوج جو هڪ مکيہ اڏڪاري سوار هو. بالا عملدارن فيصلو ڪيو تہ هُن آفيسرکي بچائڻ لاءِ هڪ ڀارتي هوائي جهاز روانو ڪيو وڃي.

اِهو ڪم تمام جوکم وارو ۽ وڏي جوابداريءَ وارو هو. اِنڪري فلائيٽ ليفٽيننٽ چندناٿي هڪ هيليڪاپٽر کڻي اوڏانهن روانو ٿيو.

فلائيٽ ليفٽيننٽ چندناٿي پوري ڳولها بعد اُن جڳهه تي پهچي ويو، جتي پارتي هوائي جهاز ڪريو هو. هيٺ نهارڻ تي ڪيس باهه ۽ دونهين ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نه آيو. هيليڪاپٽر هيٺ لاهڻ ۾ وڏو خطرو هو. پوءِ به چندناٿيءَ سر جو سانگو نه ڪري هيليڪاپٽر کي هيٺ آندو. دشمن جو ڪو به سپاهي ڪيس نظر نه ٿي آيو. پارتي هوائي جهاز کي جلندو ڏسي، دشمن شايد ائين سمجهيو هو ته، هوائي جهاز سان پارتي هواباز به ضرور جلي ختم ٿي ويو هوندو. چندناٿيءَ هينئر ميدان صاف ڏٺو. هن جيئن ئي پنهنجو هيليڪاپٽر زمين تي لاٿو. تيئن ڪنهنجي ڪنجهڻ جو آواز ٻڌائين.

هُن دوربينيءَ سان ڏٺو ته هوائي جهاز جي ڪاڪِپٽ ۾ ڪو ويٺل هو. هن کي پڪ ٿي ته اِهوئي فوجي اڏڪاري آهي، جنهن کي بچائڻ جي جوابداري ڪيس سونپي ويئي آهي. ٻرندڙ هوائي جهاز جي ڪاڪپٽ ۾ ڦاٿل زخميل اڏڪاريءَ کي اُن مان ڪڍي پنهنجي هيليڪاپٽر ۾ کڻي آيو.

ايتري ۾ دشمن جي فوج کي به کُڙڪ پئجي ويئي ۽ هُنن گوليون وسائڻ شروع ڪيون. پر فلائيٽ ليفٽيننٽ چندناٿي پنهنجي هيليڪاپٽر کي تمام چستيءَ ۽ دليريءَ سان مٿي آسمان ۾ اُڏايو. هن ترت ئي هيليڪاپٽر کي دشمن جي توبن جي دائري کان ٻاهر ڪڍي ورتو. ائين زخمي ٿيل مکيه اڏڪاريءَ کي پنهنجي اڏي تي کڻي آيو.

---

۱. اچو ته ڳالهه ٻولهه ڪريون ۽ لِکون. 

(۱) پارتي هوائي سينا، مکيه اڏڪاريءَ کي بچائڻ جو ڪم ڪنهن کي سونپيو ؟

(۲) ليفٽيننٽ چندناٿي هيليڪاپٽر ۾ ڇو ويو ؟

(۳) چندناٿيءَ فوجي اڏڪاريءَ کي ڪيئن بچايو ؟

۲. چوڪنڊي مان ضدن جا جوڙا ڳولهي لکو.

| ناممڪن، ڪائر، سُستي، بهادر، دشمن، ممڪن، دوست، چُستي. |
|---|

۳. خاڪو پورو ڪريو.

| اصطلاح | معنيٰ | جملو |
|---|---|---|
| (۱) تپرس ۾ وجهڻ | | |
| (۲) سر جو سانگو نه ڪرڻ | | |
| (۳) کُڙڪ پوڻ | | |

۴. ٻرئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب مناسب جواب ڳولهي لکو.

(۱) منهنجي ماسي ڪالهه آمريڪا مان آئي. (حرف جر ڳولهيو.)

(۲) توهان هميشه سٺا سنسڪار سيکاريندا آهيو. (ضمير ڳولهيو.)

٣) انمول سياڻي ٻارن جي اسڪول ۾ انعام ڏيڻ ويندي. (ظرف ڳولهيو.)

٤) راهُل سيني جو اِمتحان وٺندو. (فعل ڳولهيو.)

٥) هرشا راندين ۾ پهريون نمبر آئي. (اسم ڳولهيو.)

۵. ڏنگين ۾ ڏنل هدايتن موجب زمان بدلايو.

١) ريتا اَنب کائيندي. (زمان حال)

٢) رام پوني گهمڻ ويندو. (زمان ماضي)

٣) اسان جي اُستاد راجيش کي سٺي لکاوت لاءِ انعام ڏنو. (زمان مستقبل)

٤) سريش ڪسرت شالا ۾ ويندو. (زمان ماضي)

٥) منهنجو دادا عينڪ پائيندو آهي. (زمان ماضي)

٦) مينا غريب ٻار جي پڙهائيءَ جو بندوبست ڪندي. (زمان حال)

٦. (ڪٿي، ڪڏهن، ڇو، ڪهڙو، ڪير، ڪيئن، ڪنهن)

مٿيان سوالي لفظ آهن، اِنهن مان مناسب لفظ چونڊي هيٺيان خال ڀريو.

١) تاجمحل .............. آهي ؟

٢) رميش، بازار ۾ توسان ڳڏ .............. هو ؟

٣) تو پنهنجو گهرو ڪم وقت تي .............. پورو نه ڪيو ؟

٤) ڪرخبر، تنهنجي طبعيت .............. آهي ؟

٥) تون ممبئيءَ .............. وئين ؟

٧. مثال سمجهي مناسب مٽبدل جواب چونڊيو.

مثال : ’ڙ‘ ’هه‘ ’ل‘

(الف) لهر (ب) هرل (ب) لرهہ

١) ’با‘ ’ر‘ ’زا‘

(الف) بارزا (ب) بازار (ب) رزابا

٢) ’ر‘ ’يا‘ ’ت‘

(الف) رِيات (ب) تريا (ب) يارت

٣) ’ڪ‘ ’جو‘ ’م‘

(الف) جوڪم (ب) مڪجو (ب) ڪجوم

٤) ’ج‘ ’ز‘ ’ها‘

(الف) جهاز (ب) جزها (ب) هاجز

٥) ’ط‘ ’رو‘ ’خ‘

(الف) طخرو (ب) روطخ (ب) خطرو

هدايت : ماستر شاگردن کي فلائيٽ ليفٽيننٽ چندنائيءَ جو بهادريءَ جو قصو پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪرڻ لاءِ چوندو ۽ پنهنجي ديش لاءِ پريم جي ڀاونا جڳائيندو.

پروجيڪٽ : ماستر شاگردن کي لئبرريءَ مان ڪتاب وٺي اهڙي ڪنهن بهئي دليرسينڪ جي ڄاڻ هٿ ڪري لکي اچڻ لاءِ چوندو.

## وڌيڪ ڄاڻ

ڀارت جا سينڪ ديش جي سرحدن جي رکشا ڪن ٿا، ساڳئي وقت ديش اَندرپيدا ٿيندڙ مسئلن ۾ آپدائن ۾ جان جي بازي لڳائي اُنهن جو مقابلو ڪن ٿا.

ڀارتيہ فوج جا ٽي حصا آهن.

١) بري (زميني) فوج

٢) بحري (سامونڊي) فوج

٣) هوائي فوج

اِنهن ٽنهي فوجن جو پرمک ڀارت جو راشٽرپتي آهي. ڀارت جي بري فوج ۾ هيٺيان سليسليوار پد آهن.



فيلڊ مارشل

جنرل

ليفٽيننٽ جنرل

ميجر جنرل

برگيڊيئر

ليفٽيننٽ ڪرنل

ميجر

ڪئپٽن

ليفٽيننٽ

صوبيدار ميجر

صوبيدار

نائب صوبيدار

حولدار

نائڪ

لانس نائڪ

سپاهي

اهڙي نموني بحري فوج ۽ هوائي فوج ۾ ڪجھ پدن بابت ڄاڻ حاصل ڪيو.

## ٻوليءَ جِي سونهن

وطن لاءِ جان بہ گھوري، پوءِ بہ ٿوري.

# وياڪرڻ

## حرف جملو

١)  مهڪ ۽ گورانگ پنهنجي تقرير چٽاڀيٽي ۾ اِنعام کٽيو.
٢)  مان اِسٽيشن تي پهتس پر گاڏي هڪ منٽ ڪان ڳُسي ويئي.
٣)  مانوَ يا سُهاني مان هڪ ڄڻي کي راندين لاءِ چونڊيو ويندو.
٤)  رونڪ بئنگلور وقت سان پهتو ڇاڪاڻ تہ ڪين اهڙي سوچنا مليل هئي.

متي ڏنل جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظ ’ ۽‘، ’پر‘، ’يا‘ ۽ ’ڇاڪاڻ تہ‘ ’حرف جملو‘ آهن اهو لفظ جيڪو ٻن لفظن يا ٻن جملن کي ڳنڍي تو اُن کي حرف جملو چئبو آهي.

حرف جملي جا مثال :

تنهنڪري، تہ، ۽، پر، يا، جيتوڻيڪ، اِنڪري، جئن، چو تہ، ڇاڪاڻ تہ، جڏهن، جيسين، تيسين، جيستائين، تيستائين.

هيٺ ڏنل جملن مان حرف جملو چونڊيو.

١)  رام ۽ موهن اڄ آفيس ۾ نہ آيا.
٢)  غريب آهي پر ڏاڍو ايماندار آهي.
٣)  سانيا ۽ سُهاني گڏجي پڙهن ٿيون جئن هڪ ٻئي جا مسئلا حل ڪري سگهن.
٤)  جيتوڻيڪ ونيتا کي نياپو مليو، هوءِ ميٽنگ ۾ نہ پهچي سگهي.
٥)  تون محنت ڪرين تو ڇاڪاڻ تہ تون ڪامياب ٿيڻ چاهين تو.
٦)  مان بوٽي کي وقت تي پاڻي ڏنو ان ڪري يڪدم ان ۾ گُل پيدا ٿيا.

## توري وِندر

هيٺ برئڪيٽ ۾ ڏنل مناسب چوڻي پهاڪا ڪم آڻي جملا پورا ڪريو.

سنگ تاري ڪُسنگ ٻوڙي، آهي تہ عيد نہ تہ روزو، آهہ غريبان قهر خدائي، ڦڙي ڦڙي ۽ تلاو، بہ تہ ٻارهان

(١)  ڪنهن بہ غريب لاچارکي ڪڏهن بہ ستائڻ نہ گهرجي چو تہ چيو ويو آهي ...............

(٢)  هر مهيني مان بئنڪ ۾ ڪجھ پئسا بچائيندو آهيان، سچ چيو ويو آهي ................

(٣)  رميش تہ بچت ۾ وشواس نہ ڪندو آهي بس جيڪو ڪمائيندو آهي يڪدم خرچ ڪري ڇڏيندو آهي، سچ چيو ويو آهي ..............................

(٤)  ڊاڪو رتناڪر سنتن جي صحبت ۾ رشي والمڪي بڻجي ويو، سچ چيو ويو آهي ..............

# ٦. وَتايو فقيرُ

**شروعات :** ماستر ٻارن کان ڪتاب آڳي 'چرچن جي چٽڪي'، پڙهائيندو. چرچا جن ۾ ڪِل هُجي، حاضر جوابي هُجي، اُنهن جو ذڪر ڪري سبق جي شروعات ڪندو.

**ٻُڌو. پڙهو ۽ سمجهو.**



بيربل جي عقُلمنديءَ جا توهان اَنيڪ قصا ٻُڌا هوُندا. ساڳئي نموني سنڌُ ۾ وَتائي فقيرَ جا پڻ گهڻا ئي قصا مشهوُر آهن. اُنهن مان اَسان کي وندرُسان گڏوگڏ نصيحت بہ ملي ٿي. هڪ ڏينهن ڪنهن گهوراڙوءَ وَتائي فقيرکي عرضُ ڪيو، ''درويش، موُن غريبَ تي مهرُ ڪريو. غريبيءَ سبب هيڻو حال آهي، ڪنهن برڪت ڀَرئي ڌنڌي جي آسيس ڪريو.''

''اَبا وَڃُ وَڃي، لوُڻَ جو ڌنڌو ڪر.''

گهوراڙوُ هِتان هُتان پيسا هِٽ ڪري لوڻَ جو ڌنڌو شروع ڪَيو. لوُڻ جو اَگُهہ وَڌي وَڃڻ سَبب ٿوري ئي وَقت ۾ هوُ شاهوڪار ٿِي ويو. هاڻي هوُ پاڻ کي سيٺ ڪوٺائڻ لڳو.

هڪ دفعي اُهو سيٺ پنهنجي دوڪان تي ويٺو هو تہ سندس نظر وَڃي وَتائي فقيرَ تي پيئي. ڪيس سڏُ ڪندي چيائين، ''اَڙي چَريا هيڏانهن اَچُ.''

''اَبا، حُڪُمُ ڪَر.'' وتائي فقيرَ نماڻائيءَ وچان چيو.

''اَڙي چريا، ڏي ڪا صلاحَ، هاڻي ڇا خريد ڪريان ؟''

''اَبا، بَصر خَريد ڪَر.''

سيٺ نہ رڳو پنهنجي سموري پُونجي بصرن ۾ لڳائي. پَرَهِتان هُتان قرضُ کڻي بصرن جا گدامَ ڀري ڇڏيا.
اوچتو اَهڙو تہ اَچي مينهُن پيو جو سَڄي ڳوٺ ۾ پاڻي ڀَرجي ويو. سيٺ جا سمُورا بَصَر خرابُ ٿي ويا. نقصانَ سَبب سيٺِ ڪنگالُ ٿي ويو. هوُ دوڙندو وَتائي فقيرؤَتِ ويو ۽ روئندي چيائينس، ”اَهڙي صلاحَ ڏني جو مان برباد ٿي ويسُ.“

وَتائي چيسُ، ”اَبا، اِن ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ!“

پهرين تو دَرويش کان آسيس گُهري ۽ هاڻي چَرئي کان صلاحَ. درويش جي آسيسَ ۽ چرئي جي صَلاح ۾ فرقُ تہ هوندو نہ!“

---

اچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لِکون. 

۱) هينيان جُملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن :

۱) ”ڪنهن برڪت ڀرئي ڏنڌي جي آسيس ڪريو.“

۲) ”اَبا، اِن ۾ مُنهنجو ڪهڙو ڏوهہ!“

پاڻ ڪريون - پاڻ سکون 

۱. هينين جدا جدا حالتن ۾ توهان ڪنهن کان صلاح وٺندا يا ڪنهن کي شڪايت ڪندا :

| | |
|---|---|
| ۱) اِسڪول ۾ توهانجي نئين پين گُم ٿي ويئي آهي. | ............ |
| ۲) توهان کي ڏندن ۾ سوُر آهي. | ............ |
| ۳) توهانجي چاچي کي پلاٽ تي جَبَهہ نهرائڻي آهي. | ............ |
| ۴) توهانکي جاگرافي وشيہ ۾ ٿوري ڏکيائي ٿي رهي آهي. | ............ |
| ۵) توهانجو ڪلاس ۾ پڙهندڙ هم ساٿي توهان کي چيڙائي رهيو آهي. | ............ |
| ۶) توهان جي پاڙي ۾ گند ڪچري جو آزار آهي. | ............ |
| ۷) توهان کي ڪا قانوني صلاح وٺڻي آهي. | ............ |
| ۸) توهان جي من ۾ ڪا پريشاني آهي. | ............ |

۲. سبق ۾ ڏنل لفظن لاءِ هينيون خاڪو پورو ڪريو :

| لفظ | ساڳئي معني وارا لفظ | جملو |
|---|---|---|
| مثال : مينهن | برسات | اَڄ پوني ۾ تمام گهڻو مينهن وسيو. |
| ۱) ڏوهہ | | ............ |
| ۲) سموُرا | | ............ |
| ۳) پونجي | | ............ |
| ۴) فرق | | ............ |

۳. ٽڪرپڙهي اِسم، ضمير ۽ صفت ڳولهيو :

راڳهوَ روز اسڪول ۾ ويندو آهي. هو پڙهڻ ۾ هوشيار آهي. هُن کي نوان نوان سوال پڇڻ جي عادت آهي. هڪ ڏينهن هُن ماسترڪان پڇيو، ”سر توهان ٻڌايو، ڌرتي گول ڪيئن آهي ؟

| اسم | ضمير | صفت |
|---|---|---|
| | | |
| | | |
| | | |

## ٿوري وندر

۱. هيٺ ڏنل مشغولين ۾ سُٺي مشغوليءَ لاءِ ✓ ۽ غلط مشغوليءَ لاءِ ✗ لکو.

| | |
|---|---|
| ۱) راڌا اِسڪول جو گهرو ڪمُ پورو ڪيو. | |
| ۲) راجيش سَچو وقُت راند ۾ وڃايو. | |
| ۳) مُنهنجي ماءُ مونکي ميوزم گهمايو. | |
| ۴) دادا اَسان لاءِ سنڌي - انگريزي ڊڪشنري وٺي آيو | |
| ۵) هرشا سَچو وقُت ٽي.وي. ڏِسندي آهي. | |

## ٻوليءَ جي سونهن

### کلڻ جهڙي خوراڪ ناهي

هدايت : ماستر شاگردن کي سمجهائيندو تہ ننڍي وڏي سان وهنوار ڪيئن ڪجي.

مشغولي : ماستر شاگردن کي وٺائي فقيرجا اهڙا ٻيا ڪجهہ قصا اِنٽرنيٽ تان يا لئبرريءَ مان ڪتاب هٿ ڪري لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

سنڌي سنت سڃاڻو. اُنهن بابت ڳالهه ٻولهه ڪريو ۽ ڪنهن به هڪ سنت بابت ڏهه - ٻارهان جملا لکي اَچو.







## وياڪرڻ

توهان اڳ ۾ 'فعل' بابت سکي چڪا آهيو. اڄ اَسان 'فعل' جا ٻه قسم سمجهنداسين.

١) فعل متعدي : اُهو فعل جنهن ۾ مفعول سمايل هجي اُن کي فعل متعدي چئجي ٿو.

مثال : (١) ڇوڪرو ڪتاب پڙهي ٿو.

(ڇا پڙهي ٿو ؟) ڪتاب

(٢) مان خط لکان ٿو.

(ڇا لکان ٿو ؟) خط

(٣) سنيتا رانديڪو خريد ڪري ٿي.

(ڇا خريد ڪري ٿي ؟) رانديڪو

(۴) ماءُ ٻارکي سڏي ٿي.

(ڪنهن کي سڏي ٿي ؟) ٻارکي

٢) فعل غير متعدي : اُهو فعل جنهن ۾ مفعول موجود نه هجي. اُن کي فعل غير متعدي چئبو آهي.

مثال : (١) ٻار ڊوڙي ٿو.

(٢) پکي اُڏامي ٿو.

(٣) اَسان وهون ٿا.

انهن مثالن ۾ 'ڇا' سوال پڇڻ سان جواب (مفعول) نه ٿو اچي.

# ٧. مُسڪرايون

**شروعات :** ماستر شاگردن کي ڀارت ۾ موجود 'اَنيڪتا ۾ ايڪتا' بابت ڪجهه مثال ٻڌائيندو. ڀارت ۾ جدا جدا ڌرم، جاتيون، ٻوليون وغيره اسانجي ديش جي سونهن آهن، اها سکيا ڏيئي بيت جي شروعات ڪندو.

ٻڌو ۽ ڳايو.

اَچو سڀ قدم سان قدم کي ملايون،
ڳڏجي هيءَ ڌرتي تہ جنت بڻايون.

محبت جي مشعال جت ڪت جلايون،
جهان مان هي ونجوڳ نفرت متايون.

جلي هي وڃي ڪين سارو گلستان،
اُچو ڌرم مذهب جا ويڇا متايون.

ٻڌائي اَمن جي، آ جا راهہ نهروءَ،
اُنهيءَ راهہ تي پير پنهنجا وڌايون.

خوشيءَ سک جا هرهنڌ گلشن سجايون،
وطن جي زمين سرڳ جهڙي بڻايون.

تقاضا جوانن کان آ مست جي هيءَ،
مصيبت جي طوفان ۾مسڪرايون.



اچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون ۽ لکون.

۱. ھڪ لفظ ۾ جواب ڏيو :

۱) ڌرتيءَ کي ڇا بڻائڻو آھي ؟

۲) سنسار مان ڇا مٽائڻي آھي ؟

۲. مثال سمجھي غلط ھم آوازي لفظ مٿان گول پايو :

مثال : اچو ← ڪچو، نچو، ناچ، سچو

۱) ملايون ← اچون، ٻڌايون، مٽايون، مسڪرايون

۲) راھہ ← ڪاھہ، واھہ، ساھہ، رک

۳) محبت ← محنت، تندرستي، صحت، رحمت

۴) گلستان ← ھندستان، ڀارت، راجستان، آستان

۳. ’محبت جي مشعال جت ڪت جلايون.‘

اِن سٽ ۾ محبت ۽ مشعال ’م‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ آھن.

اھڙي نموني ھيٺ ڏنل سٽ مان رنگين زباني واريون سٽون ڳولھي لکو.

۱) صحيح صحبت سان ملي ڪاميابي

۲) وار ڪريان دشمن تي

۳) ھرڪو ھرھنڌ ھاڪ ٻڌائي

۴) مونکي منھنجي ماميءَ مٺائي ڏني

۴. ڊڪشنري ڪم آڻي لفظن جي معنيٰ ڳولھيو. اِھي لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو :

اَمن، ويڇو، ونجوڳ

تقاضا، مشعال

## پاڻ ڪريون - پاڻ سکون

۱. مثال : (۱) قدم ← قد ۽ دم

(۲) سُرڳ ← سر ۽ رڳ

گول مان اُھي لفظ چونڊيو جن کي مثال موجب ٻن لفظن ۾ ورھائي سگھجي :

مست، چوٽي

لوڪ، اِڪثر

ڪارڻ، جيون

ڪوشش، قدر

۲. اچو تہ لفظن جي زنجير ٺاهيون :

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مثال : غلط : | محبت | ← مزو، زور، تمام | صحيح : محبت | ← تمام، مزو، زور |
| (١) غلط : | گلستان | ← موهہ، هوا، نکمو | صحيح : گلستان | ← |
| (٢) غلط : | خوشي | ← شڪ، هوش، شيهو | صحيح : خوشي | ← |
| (٣) غلط : | مشعال | ← عينڪ، لڙائي، ڪن | صحيح : مشعال | ← |
| (۴) غلط : | وطن | ← نڪ، من، ڪم | صحيح : وطن | ← |

## ٻوليءَ جي سونهن

### ڪلمڪ ٻار سيني کي وڻي.

هدايتون : ماستر بيت جي ڪويءَ جي ڪلپنا بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري ٻڌائڻ لاءِ چوندو ۽ نظم جا جدا جدا روپ سمجهائيندو. مثال - گيت، غزل، ڏوهڙا، وايون وغيره. لئبرريءَ مان جدا جدا شاعرن جا ڪتاب / مخزن آڻي ٻارن کان شعرپڙهائيندو. ڪو وشيہ ڏيئي بيت لکڻ لاءِ همٿائيندو.

## وياڪرڻ

اسان رنگين زبانيءَ ۾ ’تجنيس حرفي‘ سکي چڪا آهيون. اڄ اسان ’تشبيهہ‘ ۽ استعارو سکنداسين.

١) تشبيهہ جڏهن ڪنهن جملي ۾ سڌي ڀيٽ ڏيل هجي مطلب اُن ۾ ’جهڙو‘ ’وانگر‘ ’جيان‘ جهڙا لفظ ڪم آندل هجن تہ اهڙي رنگين زبانيءَ کي تشبيہ چئبو آهي.

مثال : (١) راجيش شينهن وانگر بهادر آهي.
(٢) سندس چهرو تہ چنڊ وانگر چمڪي پيو.
(٣) ٻار گُلن جيان مهڪندڙ آهي.
(۴) منهنجي ٽيچر ماءُ جهڙو پيار ڏيندي آهي.

٢) استعارو جڏهن ڪنهن جملي ۾ ٻن سڌي ڀيٽ ڏيل هجي مطلب ان ۾ ’جهڙو‘ ’وانگر‘ ’جيان‘ جهڙا لفظ ڪم آندل نہ هجن تہ اهڙي رنگين زبانيءَ کي استعارو چئبو آهي.

مثال : (١) علم انسان جي ٽين اک آهي.
(٢) دنيا هڪ مسافرخانو آهي.
(٣) اُٺ ريگستان جو جهاز آهي.
(۴) زندگي سهانو سفر آهي.

**چتر ڏسو. جاچيو ۽ ننڍي آڪاٽي ٿاهي لکو.**

ڏاڏو ڏاڏي پنهنجي پوٽي ۽ پوٽيءَ سان گڏ باغ ۾ آيا آهن ..........................



# ٨. گڻيش اُتسوُ

**شروعات:** ماستر اَسان جي ديش ۾ انيڪتا ۾ ايڪتا بابت ويچار ٻڌائيندو. ڏڻن جي اَهميت سمجھائيندو. جدا جدا ڌرمن جي ڏڻن بابت ٻارن کان پڇندو ۽ گڻيش اُتسوُ بابت ٻڌائي سبق جي شروعات ڪندو.

پڙهو ۽ لکو.

ڀارت ۾ هرسال ڪيترائي ڏڻ ملهايا ويندا آهن، جي اسان جي سنسڪرتيءَ کي قائم رکن ٿا. گڻيش اُتسوُ بہ هڪ اهڙو ئي پوتر ۽ خوشنما ڏڻ آهي. اهو اُتسوُ بدي مهني جي گڻيش چوٿ يعني گڻيش ديوتا جي جنم جي ڏينهن کان وٺي چوڏس تائين ملهايو ويندو آهي. مهاراشٽر ۾ گڻيش تُسوُ ڏاڍي ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو آهي.

گڻيش ديوتا شو ۽ پاربتيءَ جو پٽ هو. جڏهن ڪوبہ نئون ڪارج شروع ڪبو آهي يا ڪا پوڄا ڪبي آهي تہ پهرين ٿالهيءَ ۾ يا پٽ تي ڪنگوءَ سان گڻيش ڪڍي اُن جي پوڄا ڪبي آهي.

هن اُتسوُ کي شروع ڪندڙ اسان جو نيتا لوڪمانيہ ٻال گنگاڌر تلڪ هو. هن جو مقصد هو تہ انهيءَ ڌرمي اُتسوُ جي ذريعي ماڻهن ۾ ايڪتا ۽ سڄاڳي آڻجي. تڏهن کان وٺي اهو اُتسوُ ڏاڍي شرڌا ۽ شان مانَ سان ملهايو ويندو آهي.



هن اُتسوُ کان ٿورا ڏينهن اڳ ئي اسان کي دڪانن تي مٽيءَ جا نهيل رنگبرنگي ننڍيون وڏيون گڻپتيءَ جون سوين مورتون نظر اينديون آهن. اُتسوُ جي پهرئين ڏينهن دڪانن تي ڏاڍي ڀيڙ هوندي آهي. هرڪو پنهنجو گڻپتي سڪ ۽ آدرسان آڻي سينگاريل جڳهہ تي براجمان ڪندو آهي. منگل مورتيءَ جي اڳيان گل ڦل، مودڪ ۽ ناريل رکي اُن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. صبح ۽ شام گڻپتيءَ جي آرتي ڪبي آهي ۽ پرساد ورهائبو آهي.

منڊپن جي سونهن، سينگار ۽ نظارن جو جيترو ورڻن ڪجي اوترو ٿورو آهي. ڇٺئي طرف ٻنين جي جهرمر لڳي پئي هوندي آهي. سنگيت جا مٺا سُر ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. اُهي درشيه جڻ تہ سرڳہ جا نظارا پيش ڪندا آهن. جدا جدا هنڌن تي پروگرام پيا هلندا آهن. ڪٿي ناٽڪ تہ ڪٿي نرتيہ، ڪٿي سنگيت تہ ڪٿي ساز. مطلب تہ سڀ ڪنهن هنڌ موج متل هوندي آهي. گڻپتي پروان ڪرڻ کان اڳہ پوڄا ڪئي ويندي آهي. يارهين ڏينهن تي سمنڊ يا نديءَ ۾ گڻپتي پروان ڪيا ويندا آهن.

گڻپتي پروان ڪرڻ جو نظارو بہ عجيب هوندو آهي. چوطرف ''گڻپتي باپا موريا، پڊچا ورشي لوڪريا'' جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. ماڻهو نچندا ٽپندا ۽ جهومندا ويندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي ڳلال هڻندا آهن. گڻپتي پروان ڪرڻ کان پوءِ ماڻهو آهستي آهستي پنهنجي ماڳہ موٽندا آهن. هر ڪنهن جي اهائي خواهش هوندي آهي تہ جلد ئي وري ٻئي سال گڻپتي بابا موٽي اچي.



## اَچو ته ڳالهه ٻولهه ڪريون ۽ لکون.

**(۱) هڪ سٽ ۾ جواب ڏيو :**

۱) ڳڻيش اُتسو ڪڏهن ملهائبو آهي ؟

۲) اُهو اُتسو ڪنهن شروع ڪيو ؟

**(۲) برڪيٽ مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو :**

۱) مهاراشٽر ۾ ............ اُتسو ڌاڏي ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو آهي.

(نوراتري، پونگل، ڳڻيش اُتسو)

۲) ڳڻيش اُتسو جو شروع ڪندڙ اسان جو نيتا ............ هو.

(جواهرلال، لوڪمانيه تلڪ، مهاتما گانڌي)

۳) ............ ڏينهن تي سمنڊ يا نديءَ ۾ ڳڻپتي پروان ڪيا ويندا آهن.

(يارهين، ٻارهين، تيرهين)

**(۳) تڪرپڙهو ۽ عملي ڪم پورو ڪريو :**

هن اُتسو ڪان ...................................... پرساد ورهايو آهي.

**۱) خاڪو پورو ڪريو :**

| | | |
|---|---|---|
| | منگل مورتيءَ اڳيان رکيل پدارٿ | |

**۲) لاڳاپو رکندڙ لفظ ڳولهيو :**

**مثال :** بازار - دوڪان

اُتسؤ، بازار، مِٽي، نظر، پوڄا، مودڪ

↕

دوڪان، اَکيون، آرتي، ڏڻ، زمين، پرساد

| صُفت | اِسم | صُفت | اِسم |
|---|---|---|---|
| وڏا | پُتلا | تورا | ........ |
| ........ | جڳهه | ڏاڍي | ........ |

## پاڙ ڪريون - پاڙ سکون

**۱. توهان جي آسپاس ايراضيءَ ۾ ڪهڙو ڏڻ ملهايو ويندو آهي.**

**هيٺ ڏنل مُدن تي ڄاڻ حاصل ڪريو :**

۱) ڏڻ جو نالو     ۲) ڏڻ جي اهميت     ۳) ڏڻ جي تاريخ ۽ ڪُل مُدو

۴) ڏڻ جو مقصد     ۵) ڏڻ - ڏينهن انتظام

**هدايتون :** ماستر قومي ۽ ڌرمي ڏڻن مان ڪنهن به هڪ ڏڻ تي مضمون لکڻ لاءِ چوندو. ڪنهن ڏڻ تي هڪ تڪر لکائي ڪلاس ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو. ڏکين لفظن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڏسي لکڻ لاءِ چوندو.

## ٢. جوڙا ملايو.





چَٿ پوڄا

اونم

(١) مهاراشٽر    (٢) بِهار    (٣) اولهه بنگال    (٤) ڪيرلا

دُرگا پوڄا

گُڙي پاڙوا





# ٩. ڪاوڙ تي ضابطو

هڪڙي راجيءَ جو ننڍو راجڪمار تمام گهڻي غصي وارو هو. غصو آيو ته جيڪا شيءِ ڏسڻ ۾ اَچيس اُها ڦٽي ڪندو. تنهن ڪري راجاڪي ڏاڍي چنتا هئي.

هڪ ڏينهن .....















راجڪمار اِن نموني ڪرڻ لڳو. ڪاوڙ تي ضابطو رکيو ته ڪوڪا ڪڍڻ لڳو.
هڪ ڏينهن ......
هاڻي پيت تي هڪ به ڪوڪو ڪونه رهيو. مان هاڻي ڪاوڙ تي ضابطو رکي سگهان ٿو.
راجا هُن جي ساراهه ڪئي ۽ هُن کي پيت وٽ وٺي ويو.
تنهنجي ڪاوڙ ته گهٽ ٿي پر هي ڏِس اِن پيت تي ٽنگ اِئين ئي رهندا.
اسين ڪاوڙ ۾ اَچي گهٽ وڌ ڳالهايون ٿا ۽ پيت تي نوڪيل ڪوڪن جي ٽنگن وانگر ....
ٻئي جي من تي زخم اِئين ئي رهجي وڃن ٿا، اَسين اُهي زخم ڪيئن پري سگهنداسين.
نصيحت - ڪاوڙ ۾ اَچي ٻئي کي گهٽ وڌ نه ڳالهائجي، ڪاوڙ تي هميشه ضابطو رکجي.

## اَچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون ۽ لکون.

١. پڙهايو :

١) توهان کي غصو ايندو آهي تہ ڇا ڪندا آهيو ؟

٢) غصي مان ڪهڙا نقصان آهن ؟

٣) هيٺ ڏنل چترمان ڪهڙو چِتر توهان کي وڻي ٿو ؟



٢. هيٺ ڏنل بيان پڙهو ۽ اُنهن کي ’ڪاوڙيل چهرو‘ ۽ ’مشڪندڙ چهرو‘ ۾ ورهايو :

| | ڪاوڙيل چهرو | مشڪندڙ چهرو |
|---|---|---|
| ١) چهرو سخت ۽ ڇڪيل هوندو آهي. | | |
| ٢) صحت لاءِ فائديمند آهي. | | |
| ٣) چهرو چمڪندو آهي. | | |
| ٤) چهرو ناراضگي ڏيکاري ٿو. | | |
| ٥) ماڻهو چهرو ڏسي ڇِڪجي اچن ٿا. | | |
| ٦) صحت کي نقصان پهچائي ٿو. | | |
| ٧) ڳالھہ ٻولھہ ۾ آنند آڻي ٿو. | | |
| ٨) دوستي گھٽائي ٿو. | | |
| ٩) جهڳڙا وڌائي ٿو. | | |
| ١٠) چهرو ٻئي کي وڻندڙ لڳي ٿو. | | |

٣. تڪرپڙهو ۽ عملي ڪم پورو ڪريو :

راجا ڪوڪا ۽ هٿوڙو ...................... شانت ٿي ويندو.

١) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو :

(الف) ’ڪاوڙ‘ لاءِ لفظ -

(ب) هڪ لوهہ جو سامان -

(ڀ) ’شهزادو‘ لاءِ لفظ -

(پ) گهمڻ جي هڪ جڳهہ -

٣) هيٺ ڏنل ’اکر‘ جوڙي لفظ تيار ڪريو:

مثال: ھ، ڙو، تو - هتوڙو

(الف) جا، را = ......................

(ب) غ، با = ......................

(ٻ) ڪ، ل، ڙي = ......................

(پ) ڪ، ما، را، چ، ر = ......................

۴. ’راجا‘ جنس مذڪر آهي. ان جي جنس ’مونث‘ ٿيندي ’راڻي‘. اهڙي نموني هيٺ ڏنل لفظن جي جنس مٽايو ۽ اُها جنس جملي ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | جنس مذڪر | جنس مونث | جملو |
|---|---|---|---|
| هرڻ | ✓ | هرڻي | هرڻي تيز ڊوڙندي آهي. |
| ماسترياڻي | | | |
| مور | | | |
| لومڙي | | | |
| مامو | | | |
| ڏاڏي | | | |

۵. هيٺ ڏنل سٽن مان فعل ڳولهيو ۽ اُهي پنهنجي جملي ۾ ڪم آڻي لکو.

١) راجا چيو.

٢) تنهنجو غصو شانت ٿي ويندو.

٣) توکي غصو اچي ٿو.

۴) هڪ ڪوڪو لڳاءِ.

## پاڙ ڪريون - پاڙ سکون

١. هيٺ ڏنل سٽن مان ’فعل متعدي‘ ۽ ’فعل غير متعدي‘ سڃاڻو.

١) راڌا روز اخبار پڙهندي آهي.

٢) اسان ڪرڪيٽ راند ڪندا آهيون.

٣) پکي آسمان ۾ اُڏامن ٿا.

۴) راجيش زور سان کلي ٿو.

۵) پکي وڻ تي ويٺو.

۲. هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو :

| فعل | فعل متعدي | فعل غير متعدي |
| --- | --- | --- |
| کائڻ | ✓ | ✗ |
| وهڻ | | |
| هلڻ | | |
| روئڻ | | |
| وڪڻڻ | | |
| سمهڻ | | |
| ڏسڻ | | |
| بند ڪرڻ | | |
| وڃڻ | | |
| نچڻ | | |

وڏيڪ ڄاڻ

غصو اَچڻ وقت ڇا ڪرڻ گهرجي !

۱) چپ رهڻ گهرجي.

۲) گهرو ساهه کڻڻ گهرجي.

۳) پاڻي پيئڻ گهرجي.

۴) جڳهه مٽائڻ گهرجي.

۵) ڳالهائڻ بند ڪري ٿورو ٽائيم سوچڻ گهرجي.

۶) سٺيون ڳالهيون ياد ڪريو.

۷) ڪتاب پڙهو

۸) ڪو وڻندڙ گيت ٻڌڻ گهرجي.

۹) ’معاف ڪرڻ‘ واري پاونا ڌارڻ گهرجي.

۱۰) غصي جو سبب سوچڻ گهرجي.

## ٻوليءَ جي سونهن

> غصو باهه وانگر آهي جيڪو
> پهريائين پاڻ کي ساڙي ٿو.

**هدايتون :** ماستر ڪاوڙ مان نقصان سمجهائيندو. ٻارن ۾ صبر، سچائي، مات جهڙا گڻ ڪٽي، ٻارن جا گروپ ٺاهي بحث ڪرائيندو ۽ ٻارن کي ڪاوڙ ڪري آيل آزمودو ٻڌائڻ لاءِ چوندو.

**پروجيڪٽ :** ماستر خوشيءَ وارو چهرو ۽ غصي وارو چهرو ڪڍي اچڻ لاءِ چوندو ۽ ڪلاس ۾ فرق سمجهائيندو. سٺن ويچارن تي نعرا لکي اچڻ لاءِ چوندو.

# ۱۰. تندرستي

**شروعات :** ماستر ڪوي بيوس بابت ڄاڻ ڏيندو. بيوس جا لکيل ڪتاب لائبرريءَ مان ڪڍي، ٻارن کان پڙهائي تندرستي جو ٿوري ۾ سار ٻڌائي بيت جي شروعات ڪندو.

پڙهو ۽ سمجهو.






تندرستي آهه نعمت سڪ وڏو سنسار ۾
تندرستيءَ کان سواءِ نت آدمي آزار ۾

پل ته سو سڪ پيا هجن، دولت جهجهي عهدو وڏو
پر صحت ڏاران نه سي آهن ڪنهن به قطار ۾

هن سڄي جهوپڙيءَ ۾ تو ڳدا ماڻي مزا
پر صحت ڏاران سنگاسن جو ڏٺي لاچار ۾

ڪيئن مزو ۽ لطف روپيءَ کي اچي دنيا منجهان،
نا اُميدي گهر ڪري جڻ تي وڃي بيمار ۾

جن اَصولن سان نه رڳو يا نروڳو خوش گذارڻ ٿئي نصيب،
تن اصولن کي رکڻ گهرجي سدا ويچار ۾

سادگي، سنجيدگي، ڪسرت، صفائي، خوشدلي،
آهه ”بيوس“ مکيه صفائي صحت لاءِ هرڪار ۾

اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لکون.



۱. بيت پڙهو ۽ عملي ڪم پورو ڪريو:

ڪيئن مزو ۽ لطف ............ هر ڪارِ

(۱) هيٺ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي لکو.

| |
|---|
| لطف، ڏک، تڪليف، خوشي، سُک، ڏکيائي، آنند، پيڙا |




۲. 'ڪسرت' لفظ ۾ چار اکر آهن - 'ڪ'، 'س'، 'ر'، 'ت'

اِهي اکر اِستعمال ڪري ڪيترائي لفظ تيار ٿيل هيٺ چوڪنڊي ۾ ڏنل آهن اُنهن مان مناسب جواب چونڊي خال ڀريو.

| |
|---|
| سر، رت، ڪر، تر، ست، رس، سڪ، ڪس |

(۱) سرير جي پاڻيٺ ......... ۾ هيموگلوبن موجود هوندي آهي.

(۲) انڊلٺ ۾ ......... رنگ هوندا آهن.

(۳) مونکي پراڻن دوستن جي ......... لڳي آهي.

(۴) مونکي سنگيت ۾ ڏاڍو .........ايندو آهي.

۳. هيٺ ڏنل جوڙن مان غلط جوڙو ڳولهيو.

(۱) ضدن جا جوڙا

(الف) خوش - ناخوش

(ب) روڳي - نروڳي

(پ) مزو - لطف

(۲) ساڳئي معنيٰ وارا جوڙا

(الف) نصيب - بدنصيب

(ب) دنيا - سنسار

(پ) روڳي - مريض

(۳) هم آوازي لفظن جا جوڙا

(الف) گهر - هر

(ب) صحت - تندرستي

(پ) ڪسرت - قدرت

## پاڙ ڪريون - پاڙ سکون

١. هيٺ ڏنل سٽن جي رنگين زباني لکو.

(١) آدمي آزارِ
(٢) سک وڏو سنسارِ

٢. اچو تہ تندرستيءَ بابت ڪجھ نعرا سکون.

(١) سنوڪاڏو سني زندگي
(٢) يڪ تندرستي هزار نعمت
(٣) اچ صحت سياڻي خوشحالي
(٤) صحت بنا سڀ ڪجھ اڌورو آهي
(٥) تندرست رهو خوش رهو

اهڙي نموني تندرستيءَ بابت ٻيا نعرا يا پوسٽر ناهي اچو.

## ٿوري وِندر

’ڪ‘ ۽ ’ڙ‘ اِنهن ٻن اَکرن ۾ جُدا جُدا ماترائون ڪم آڻي نوان لفظ ناهي سگهجن ٿا.

مثال :

(١) ڪار
(٢) ڙُڪ
(٣) ڪيڙ
(٤) روڪ
(٥) ڪارا
(٦) ڪَڙ

اَهڙي نموني هيٺين ۾ جدا جدا ماترائون ڪم آڻي نوان لفظ ناهيو.

(١) ’س‘ ۽ ’ڪ‘
(٢) ’ڙ‘ ۽ ’هہ‘
(٣) ’س‘ ۽ ’ڙ‘
(٤) ’ڙ‘ ۽ ’و‘

هدايت : ماستر ڊاڪٽر سان ملاقات جو آيوجن ڪري تندرستيءَ بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ چوندو ۽ ٻارن کي احوال لکي اچڻ لاءِ چوندو.

پروجيڪٽ : ماستر ٻارن کي انٽرنيٽ جي مدد سان سوريہ نمسڪار جي آسن جا چتر نالن سان گڏ ڪري ڪٽي اچڻ لاءِ چوندو. اخبار مان ڪاڏي جي شين جو اِشتهار ڪٽي ڪاپيءَ ۾ چپڪائيندو اهڙي نموني جو ٻيو اِشتهار ناهي ايندو.

# وياڪرڻ

١.      رنگين زباني -اڳ ۾ توهان رنگين زبانيءَ ۾ تجنيس حرفي، تشبيهه، استعارو سکيا آهيو. هاڻي اسان رنگين زبانيءَ جو چوٿون قسم ’مبالغو‘ سکنداسين.

مبالغو : اُها رنگين زباني جنهن ۾ ڪنهن ڳالهه کي وڌائي بيان ڪيل هجي، اُن کي مبالغو چئبو آهي.

مثال : ١) پاويڪا روئي روئي سمنڊ ڀري ڇڏيو.

٢) باغ ۾ هزارين گلاب جا گل هئا.

٣) تنهنجي انتظار ۾ سوين سال گذري ويا.

۴) هن جي آواز سان جبل به ڏڪي ويا.

٢.      ڪين جي ميڙ کي ’ولڙ‘ چئبو آهي. اَهڙيءَ طرح هيٺ ڏنل لفظن مان صحيح لفظ چونڊي، هرهڪ جي سامهون لِکو.

ڌڻ، ڪُٽنب، ڇؤواٽو، لشڪر

١) ڇئن رستن جو ميڙ ........................... ٢) جانورن جو ميڙ ...........................

٣) هڪ ئي گهر ۾ رهندڙ ڀاتي ........................... ۴) سپاهين جو مجموعو ...........................

٣.      حرف نِدا

١) واهه ! توهان راند کٽي.

٢) افسوس ! منهنجي دوست جو حادثو ٿيو آهي.

٣) اڙي ! تون ڪيڏانهن وئين ؟

۴) شاباس ! پاس ٿيڻ جون واڌايون.

مٿي ڏنل جملي ۾ ’واهه‘، ’افسوس‘، ’اڙي‘، ’شاباس‘ اِهي لفظ عجب، خوشي، غم وغيره اظهار ڪندڙ آهن. اهڙن لفظن کي حرف نِدا چئبو آهي.

’حرف ندا‘ جا مثال.

اورهان، اوهو، پلا، واهه، اڙي، شاباس، افسوس، ڇا، بس، ماٺ، شال، هاءِ، آها

هيٺين جملن مان حرف ندا ڳولهيو.

١) او ! هاڻ ٽرين ڪڏهن ملندي؟

٢) شال ! توهان ڪامياب ٿيو.

٣) واهه ! اِمتحان ۾ پهريون نمبر اچڻ جون واڌايون.

۴) شاباس ! تنهنجي ڊرائنگ تمام وڻندڙ آهي.

۵) بار سمهي پيو آهي، ماٺ !

٦) هاءِ هاءِ ! ويچارو سائيڪل تان ڪري پيو.

# ١١. اُهائِي زبان اُس ۾ وِهاري، اُهائِي ڇانوَ ۾ وِهاري

**شروعات :** ماستر جدا جدا مضمون جي ڄاڻ ڏيندو. مثال بياني، جيوني، آتم جيوني، خيالي وغيره. اُنهن جا مثال سمجهائيندو. ڏنل بياني مضمون 'زبان' جو تَوري ۾ سار ٻڌائي سبق جي شروعات ڪندو.

ٻڌو. پڙهو، سمجهو ۽ عمل ۾ آڻيو.





"ٻڌو وڌيڪ ۽ ڳالهايو گهٽ"، اِها هڪ سونهري چوڻي آهي. اِهوئي ڪارڻ آهي جو اِنسان کي ٻڌڻ لاءِ ٻه ڪن مليل آهن ۽ ڳالهائڻ لاءِ صرف هڪ زبان مليل آهي. زبان جا ٻه ڪم آهن. هڪ کاڌي کي هضم ڪرڻ ۾ ڪجهه مدد ڪرڻ ۽ ٻيو پنهنجي من جي ڳالهه بيان ڪرڻ. ٻئي ڪم اَهم آهن. اِنڪري زبان جهڙو عضوو ٻه ماڻهوءَ لاءِ مکيه آهي.

زبان آهي سا ننڍڙي پروهه جي ٻنيڙي ٻه سڏبي آهي. جيڪڏهن اُن جو خراب اُپيوگ ونبو ته اها وِهه يعني زهر ٻه اوڳاري ڏيکاري جنهن سان اڳلي جو ۽ پنهنجو جيون ٻه جنجال ٻڻجي پوي. اُها زبان باهه ٻه وسائي ڄاڻي جنهن ۾ اِنسان خود ٻه پڇرجي خاڪ ٿيو پوي. اُن زبان سان طعنا ٽُنڪا هڻي، ٻئي جي دل آزاري سگهجي ٿي، پر اِن ڪم سان پاڻ کي ئي برو ڪوٺائبو.

اُهائي زبان وري ڪنڊ ڪان ٻه وڌيڪ ميناج ڏئي ٿي. اُهو تڏهن ٿو ٿئي جڏهن اُن مان فضيلت پريا اکر نڪرندا آهن، جي سامهون واري جي دل جيتي وٺندا آهن ۽ ڳالهائيندڙن جو شان ٻه وڌائيندا آهن. زبان سان ئي سؤدا پڪا ٿيندا آهن ۽ زبان سان ئي سؤدا ٽٽندا آهن. زبان تي قائم رهڻ هر ڪنهن جو ڪم آهي.

اِنڪري چيو اَٿن تہ جڏهن ڪو شخص پنهنجي زبان مان گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو تڏهن اُها زبان هن کي سماج ۾ بدنام ڪري سندس هستي مٿائي ٿي ڇڏي ... ۽ ڪيس اُس ۾ تتي وهاري يعني ڏُک تي ڏيکاري. اُن زبان مان هو اَمرت سان ڀريل وچن ٿو ڪڍي تہ هرڪو سندس آءُ ڀاءُ ڪرڻ لاءِ هڪيو حاضر ٿو رهي ۽ ڪيس ڇانو ۾ ٿو وهاري يعني ڪيس سُک ٿو ڏئي. هونءَ بہ چيو اَٿن تہ، ”تلوار جو گهاءُ لهي وڃي، پر زبان جو زخم ڇٽو ئي ڪونهي.“

اِنڪري اهڙو ڪم نہ ڪجي جو بدنام ٿجي. زبان ڪان هميشهہ سٺوئي ڪم وٺجي.

پارسيءَ ۾ چوندا آهن تہ ’جيسين توکان ڪوئي پُڇي نہ، تيسين ڪو جواب ئي نہ ڏي.‘ اَنگريزيءَ ۾ چيو اَٿن تہ ماٺ سوني آهي ۽ ڳالهائڻ چاندي آهي. ٽن باندرن جو مثال تہ مشهور آهي. بُري شيءِ نہ ڏسو، خراب ڳالهہ نہ ٻڌو ۽ ڏُروچن نہ ٻوليو.‘

”زبان جنهنجي منٺڙي سو سڀ ڪي وٺي ٿو،
زبان جنهنجي منٺڙي ۽ دل بہ آ منٺڙي،
هزارين دلين تي حڪومت ڪري ٿو.“ک

اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لکون. 

١. خال ڀريو.

(١) زبان آهي سا ننڍڙي پر ........... جي ڳنڍڙي بہ سڏبي آهي.

(٢) اُهائي زبان وري ........... ڪان بہ وڌيڪ ميناج ڏئي ٿي.

(٣) ........... جو گهاءُ لهي وڃي، پر زبان جو زخم ڇٽو ئي ڪونهي.

٢. هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو :

(١) زبان ڇا جي ڳنڍڙي آهي ؟

(٢) زبان سان ڇا ٿتي سگهن ٿا ؟

٣. صفتوُن ٺاهيو :

خرابي ..............، ميناج ..............، شان ..............، بدنامي ..............، سُک ..............

## ٿوري وندر 

١. ڇوڪيوُن پهاڪا پوُرا ڪرڻ لاءِ هيٺيان جوڙا ملايو :

مثال : اَٽندو اُها ڇا - ڪوريءَ جي من ۾

| | |
|---|---|
| ١) اندر اڇو نہ ڪري | ١) ٿنهن جو اڏ بہ وڃي |
| ٢) اُهو سون ئي | ٢) سوٗ چوٽون ڪائي |
| ٣) اڏ ڪي ڇڏي جو سچي ڏانهن وڃي | ٣) ٿهڙا ٻچا |
| ٤) اهو ڪي ڪجي | ٤) ڏوئي ٿو ڏاڳا |
| ٥) ترجي گُٿي | ٥) تن جي مٿي اٽاسي |
| ٦) جهڙا ڪانگ | ٦) جو ڪن ڇني |
| ٧) محبت نہ جن جي من ۾ | ٧) جو مينهن وسندي ڪم اچي |

.٢ ٽڪرپڙهو ۽ عملي ڪم پورو ڪريو :

اُن ڪري چيو اٿن ................................ زخم چٽٽو ئي ڪونهي

(١) هرهڪ سوال جا ٻه جواب لکو :

١) ٻه مندن جا جوڙ : ______ ۽ ______

٢) ٻه 'ز' سان شروع ٿيندڙ لفظ : ______ ۽ ______

٣) ٻه هم آوازي لفظن جا جوڙا : ______ ۽ ______

۴) ٻه ساڳي ۽ معنيٰ وارا لفظ : ______ ۽ ______

(٢) ڇوڪنڊي مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو :

سماج، امرت، هستي، حاضر

١) هميشه اسان کي زبان مان .......... وچن ڳالهائڻ گهرجي.

٢) ونيو هرڳالهه مڃڻ لاءِ .......... رهندو آهي.

٣) اسان کي .......... جي بهدودي ۽ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي.

۴) شواجي مهاراج جي .......... کي ڪير متائي نه سگهندو.

.٣ مثال سمجهي خاڪو پورو ڪريو :

| مثال | بدنام = بد + نا + م | خراب لاءِ لفظ | بد |
|---|---|---|---|
| ١) | زبان = ز + با + ن | هڪ پکي | |
| ٢) | وچن = و + چ + ن | هڪ انگ | |
| ٣) | تلوار = ت + ل + وا + ر | ڪاڏو ڪاٽڻ لاءِ عضوو | |
| ۴) | امرت = ا + م + ر + ت | 'ويچار' لاءِ لفظ | |
| ۵) | هرڪو = هه + ر + ڪو | مفاصلو جو ايڪو | |

## پاڻ ڪريون - پاڻ سکون

.١ 'الف' ڪالم ۾ 'اسم' ڏنل آهي. 'ب' ڪالم ۾ 'صفتون' ڏنل آهن. اِسمن جون صفتون ڳولهي لکو :

| 'الف' ڪالم | 'ب' ڪالم |
|---|---|
| سچ | مزيدار |
| سماج | مددگار |
| مزو | مٺو |
| مدد | سچو |
| ميٺاج | سماجي |

.٢ هيٺ ڏنل سٽن جا زمان سڃاڻو ۽ برئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب زمان بدلايو.

١) اسان مٺو ڳالهايون ٿا. (زمان ماضي ۽ ۾ بدلايو)

٢) رام انب ڪاڏو. (زمان مشتقبل ۾ بدلايو)

٣) اُنهن راند ۾ انعام کڏيو. (زمان حال ۾ بدلايو)

۴) رينا نوان رانديڪا خريد ڪندي. (زمان ماضي ۽ ۾ بدلايو)

٣. هيٺيون چوڻيون پڙهو، ٻُڌن اکرن ۾ لکو ۽ هرهڪ چوڻيءَ تي پنج جملا لکو.

مٺي زبان بنا خرچ وڏي حاصلات آهي.

مِٺو ڳالهائڻ لوهه جا دروازا بہ کولي ڇڏي.

٤. زبان سان لاڳاپو رکندڙ لفظ چوکنڊي مان چونڊي لِکو.

وات، ڪاڏو، چپ، وار، ڪاغذ
لفظ، جملا، آواز، ٻولي، ڳالهيون، دروازو




## وڌيڪ ڄاڻ

اچو تہ مضمون جا قسم ۽ مثال سمجهيون :

(١) بياني

مثال : ١) نئين تعليمي نيتي
٢) وديارٿي ۽ انتظام
٣) سوشل نيٽ - ورڪنگ

(٢) جيوني

مثال : ١) منهنجو پيارو ليکڪ
٢) راشٽرپتا مهاتما گانڌي
٣) منهنجو پسنديدا رانديگر
٤) سر - سي.وي. رمن

(٣) آتم جيوني

مثال : ١) پيتل دروازي جي آتم ڪٿا
٢) پراڻي ڇٽيءَ جي آتم ڪٿا
٣) فوجيءَ جي آتم ڪٿا
٤) هڪ ليکڪ جي آتم ڪٿا

(٤) خيالي

مثال : ١) جيڪڏهن موبائيل فون نہ هجي ها !
٢) جيڪڏهن مان پرڏان منتري هجا ها !
٣) جيڪڏهن سج نہ نڪري !
٤) جيڪڏهن برسات نہ پوي !

هدايتون : ماستر شاگردن کان پيارءِ فضيلت سان ڳالهائڻ ءِ رَکي ءِ خراب ڳالهائڻ جي فائدن ءِ نقصان تي چرچا ڪرائي، ڏنل چوڻيءَ جي اَهميت سمجهائيندو.

پروجيڪٽ : ”مينهن چوي ڳان ءِ کي هلڙي پڇ ڪاري“ اِن چوڻيءَ تي ماستر شاگردن کان ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرائي، شاگردن کي اِن باري ۾ لکي اَچڻ لاءِ چوندو. چوڻين جا ڪتاب آڻي ٻارن کان پڙهائي ڳالهہ ٻولهہ ڪرائيندو.

# کِلي کِلي کيرا ٿيو

## ٻڌو ۽ کِلو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي پهاڪا ۽ چوڻيون جيڪي اَسان جا وڏڙا ٻڌائيندا هئا، اُهي زندگيءَ ۾ تمام ڪارائتا ۽ اُپيوگي آهن. مثال طور باباجن چوندا هئا ”کلڻ جهڙي خوراڪ ڪانهي ڳڻتي جهڙو مرض ڪونهي.“ اِها چوڻي هرهڪ جي جيون سان لاڳو آهي. ماڻهو ڪڏهن ۽ ڇو کلندو آهي ؟ جڏهن ڪا خوشخبر ملندي اٿس. غمناڪ خبر سبب ئي ڳڻتي ڪرڻ لڳندو آهي. اَچو تہ کلي خون وڌايون.



(١) گوبند : موهن، هن سِٽ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو تہ ڪر، ”مون مِنو اَنبُ کاڌو.“

موهن : ”واهہ دوست ! اَنبُ کاڌو تو ۽ ترجمو ڪريان مان !“



(٢) ماستر : (شاگردن کي) جنهن جا بہ اکر خراب هجن، سو اکر پچائڻ لاءِ ٻي ڪاپي کٽي اچ.

هڪ شاگرد : سائين ! مان گهروچي ٻاهر تي پچائيندس.



(٣) سانول : سريچند، دوست ! مان امتحان ۾ هڪ حساب غلط ڪري آيو آهيان.

سريچند : ٻيا سڀ تہ ٺيڪ ڪري آئين نہ ؟

سانول : ٻيا تہ مون ڪيا ئي ڪونہ.

(٤) مالڪ (نوڪر کي) : توکي هرمهني ٥٠٠٠ رپيا پگهار ڏيندس، ڇهن مهنن ڪانپوءِ ٧٠٠٠ رپيا ڏيندس.



نوڪر : ٺيڪ آهي پوءِ مان ڇهن مهنن ڪانپوءِ ايندس.

(٥) ڏندن جي هڪ ڊاڪٽر هڪ مريض کي ٻہ نوان ڏند ناهي ڏنا ۽ مريض کان قيمت طور ٻہ سؤ روپيہ گهريا. مريض ڊاڪٽرکي ١٠٠ روپيہ وارا ٻہ نقلي نوٽ ڏنا. ڊاڪٽر چيس، ”پائي، هي ٻئي نوٽ تہ نقلي آهن.“ مريض وراڻيس، ”سائين، توهان ڏند بہ تہ نقلي وڌا آهن نہ ؟“



(٦) ٻہ ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ سفر ڪري رهيا هئا.

هڪ مسافر : ڏس، ٻيڙيءَ ۾ ٽنگ تي پيو آهي ۽ پاڻي اندر اَچي رهيو آهي.

ٻيو مسافر : چنتا جي ڪا ڳالهہ ڪانهي. هڪ ٻيو بہ سوراخ ڪري ڇڏ. پاڻي هڪ مان اندر ايندو ۽ ٻئي مان ٻاهر هلي ويندو !



هدايتون : ماستر شاگردن کي چرچا ٻڌائڻ لاءِ چئي خوب کلائيندو. کلڻ مان فائدا بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري فائدا لکڻ لاءِ چوندو. اَخبار مان چرچا لکي، وچ وچ ۾ ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.

# ببلو ۽ ببلي

ڏسو، پڙهو ۽ ڪِلو.

| سوال | جواب |
|---|---|
| <br>ببلي، تنهنجي هڪ هٿ ۾ ٽي صوف ۽ چار نارنگيون آهن ۽ ٻئي هٿ ۾ ٽي نارنگيون ۽ چارصوف آهن، ٻڌاءِ تو وٽ ڇا آهي ؟ | <br>وڏا وڏا هٿ ! |
| <br>جيڪڏهن تون ڳاڙهو پٿر نيري سمنڊ ۾ ڦٽي ڪندي تہ ڇا ٿيندو ؟ | <br>ٿيندو وري ڇا ! پٿر آلو ٿي ويندو. |
| <br>ببلي ٻُڌاءِ، ڪو ماڻهو اَٺ ڏينهن بنا ننڊ ڪيئن رهي سگهندو ؟ | <br>اِهو تہ ڏاڍو سؤلو آهي، هوُ رات جو سمهندو. |

## ٽوري ونڊر

۱. هيٺين مان اڻٺهڪندڙ لفظ چونڊي چؤڪڊن ۾ لکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ۱) | مذاق | چرچو | ٺٺول | غصو |
| ۲) | ڪاوڙ | غم | خوشي | تڪليف |
| ۳) | ڪِل | ٽوڪ | مُشڪ | مزو |
| ۴) | جهجهَ | جوڪر | مسخرو | فنڪار |
| ۵) | ڏُک | رنج | آنند | اُداسي |

۲. هيٺ ٻن دوستن ۾ ’کل‘ بابت گفتگو پوري ڪريو.



دوست ۱ : تون هميشه ايترو ڪلندو ڇو آهين ؟

دوست ۲ : کلڻ هڪ بهترين دوا آهي.

دوست ۱ : سچ ٿو چوين، تنهنجا چرچا ٻڌي ته منهنجي پيٽ ۾ .......... پوندو آهي.

دوست ۲ : اِهو ته منهنجو .......... آهي.

دوست ۱ : اَڄ تون ڪلاس ۾ جيڪو چرچو ٻڌايو سيني جي اکين ۾ ڪلندي ڪلندي .......... اَچي ويو.

دوست ۲ : ان جو مطلب آهي منهنجو اڄ جو ڏينهن .......... آهي.

دوست ۱ : سچ پچ کلڻ سان سڀ .......... دور ٿي ويندا.

## پاڙ ڪريون - پاڙ سکون

۱. گول مان مناسب جواب ٻولهيو :

| خوشيءَ سان واسطو رکندڙ | | غم سان واسطو رکندڙ |
|---|---|---|
| | ڏُک، خوشحالي، سُڪون، مشڪ، ڏُک، افسوس، صدمو، راحت، سُک، فرحت، برباد، تڪليف، پريشاني، خريدار، بيڪراري، شادماني | |

# جانورن جِي خياليِ دنيا

ڏسو. جاچيو ۽ ٻڌايو.



هدايت : ماستر شاگردن سان چتربابت ڳالهہ ٻولهہ ڪندو ۽ اُنهن کان ڪلپناتمڪ دنيا جي باري ۾ پڇندو.

# سرڪس جو نظارو

ڏسو، جاچيو ۽ پڙهايو.



هدايت : ماستر ٻارن کان سرڪس بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو ۽ سرڪس بابت ١٠ - ١٢ جملا لکي اچڻ لاءِ چوندو.

# ١٢. ساميءَ جا سلوڪ

**شروعات :** ماستر سامي صاحب جي واقفيت ڏيندو. اُنَ سمجهايل رنگين زبانيءَ جو ذڪر ڪندو. لوڪ اَدب جي چاڻ ڏيئي پڙهڻ لاءِ همٿائيندو. ساميءَ جي سلوڪن جي اَهميت ٻڌائي بيت جي شروعات ڪندو.

ٻڌو. پڙهو ۽ سمجهو.

(١) ستگر پُرک سُجان رکيو هٿ متي تي،
متي ويئي من مان، سامي ڪنچاتاڻ،
وسيو ميگهه مهر جو، پريا نينهن نياڻ،
اچي بينا پاڻ سنمکه منهنجي سپرين.

(٢) جنين هٿ هاريو، تنين جيتيو جڳ کي،
نرمل ڀاو ڀڳت سان، سڀ جو چت ٺاريو،
گهٽ گهٽ نهاريو، سامي سپرينءَ کي.

(٣) مُک سان رام چئي، سانت نہ اچي جيءَ کي،
اَن پاڻيءَ جي نانوَ سان، اُڃ بُکہ ڪين لهي،
نگر پهچي ڪين کي، بنا پنڌ ڪئي،
گرگم رَهِت رهي، تہ سکي ٿئي، سامي چئي.

(٤) شيوا منهنجون جن، لڌو لالَ اَڻ مُلهو،
سي سامي سک سچيءَ سان سدا شيوا ڪن،
لنيون مُکان، موچڙا، سيبئي سَهن،
رتا رنگ رهن، اَنئي پهر عجيب جي.



## اچو تہ ڳالھ ٻولھ ڪريون ۽ لکون.

۱. هيٺين سٽن جي رنگين زباني ٻڌايو :

۱) وسيو ميگھ مھر جو

۲) مٿي ويئي من مان

۳) سڪ سچيءَ سان سدا شيوا ڪن

۴) رتا رنگ رهن

۲. نثري روپ ۾ لکو.

۱) رکيو هٿ مٿي تي

۲) تنين جيتيو جڳ کي

۳) اچي بينا پاڻ

۴) سانت نہ اچي جيءَ کي

۳. هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو.

۱) سامهون اچي ڪير بينا ؟

۲) من مان ڇا مٿي ويئي ؟

۳) اڻ مُلھو ڇا لڌو ؟

۴) گھٽا پرڀيٽيءَ ۾ لڳا رهن ؟

## پاڻ ڪريون - پاڻ سکون

۱. بيت پڙهو ۽ عملي ڪم پورو ڪريو.

شيوا منجهون جن، لڌو لال اڻ ملهو ...................... عجيب جي.

(الف) خاڪو پورو ڪريو.




(ب) مناسب متبدل جواب ڳولهي لکو.

۱) سڪ = ............

الف) پيار      ب) نفرت      پ) ڳِلا

۲) لال = ............

الف) ٻاڙهو    ب) هيرو    پ) ٻل

۳) سامي = ............

الف) ليکڪ    ب) شاعر    پ) ڪلاڪار

۴) پهر = ............

الف) ٽي ڪلاڪ    ب) ٻہ ڪلاڪ    پ) اٺ ڪلاڪ

(ب) چوڪنڊن مان مناسب لفظ چونڊي ’شفي‘ ۽ ’نَفي‘ ۾ ورهايو.

| |
|---|
| سک، موچڙا، شيوا، سچي، لنيون، مُکان |

## وڌيڪ ڄاڻ

سامي ۽ جا قول (سلوڪن جا ڪجھ پاڙا)

۱) سچو سلوڪ سون کان مهانگو آهي.

(سچائي ۽ سُني وهنوار جي قيمت هر دولت کان وڌيڪ هوندي آهي.)

۲) جيڪو پاڻ سڌرو، سو سماج سڌاري.

(انسان جڏهن پاڻ کي بهتر ڪري ٿو تہ سماج بہ بهتر ٿئي ٿو.)

۳) علم انسان کي اُجارو ڏئي ٿو.

(پڙهائي ۽ ڄاڻ سان انسان جي زندگي روشن ٿئي ٿي.)

اهڙي نموني هيٺ سامي ۽ جي سلوڪن کي سمجهايو.

۱) ستگر پُرک سُڃاڻ، رکيو هٿ متي تي

۲) سامي اَلک اَپار، من ٻڌي واٽي ۽ کون پري

۳) منهن مڙي ۽ پائي، سامي ڏسي ڪينڪي

۴) مايا ڄڳت ٺڳي، سامي سارو وس ڪيو.

## ٻوليءَ جي سونهن

| |
|---|
| پاري ۾ پاٽي، تيئن وياپڪ وسي سڀ ۾ |



هدايت : ماستر ’سامي جا سلوڪ‘ ڪتاب لئبرري ۽ مان حاصل ڪري پڙهڻ لاءِ همٿائيندو. بيت جا تتو نثري روپ، رنگين زباني، هم آوازي لفظ ۽ ٻيا اَلنڪار سمجهائيندو.

# ١٣. ڪاڪو ڪنجوس

**شروعات :** ماستر بول چال ۽ ٻاشا استعمال ڪري آڪاٽيءَ جو سار ٻڌائيندو. سيني سان اِنصاف ٽيڻ گهرجي. اِن ويچار بابت ٻارن ۾ گفتگو ڪرائي آڪاٽيءَ جي شروعات ڪندو.

ٻُڌو ۽ پڙهو.



هڪ ڳوٺ ۾ هڪُ ڪوڏومل نالي شاهوڪار رهندو هو. ڪنجوسائيءَ جي ڪري سڄي ڳوٺ ۾ مشهور هو. عمر جو وڏو هو، تنهن ڪري ڳوٺ جا ماڻهو کيس ڪاڪو ڪنجوس ڪري سڏيندا هئا. ڪنجوس وري اهڙو هو جو چمڙي ڀلي کو لاهي وٺيس، پر دمڙي ڏيڻ پسند نه ڪندو هو. هن پنجويهه مهرون ميڙيون هيون، جي هڪ ڳوٿريءَ ۾ وجهي هميشه چيلهه سان ٻڌي ڇڏيندو هو. اِتفاق سان هڪ ڏينهن اُها ڳوٿري وڃائجي پيس، هن ڳوٺ ۾ پڙهو گهمايو ته جيڪو مونکي ڳوٿري مُهرن جي لهي ڏيندو تنهن کي پنج مهرون انعام ڏيندس. هڪ سچيار ڪڙميءَ اُها ڳوٿري لڌي ۽ سيٺ وٽ ڪٺي ويو. ڪوڏومل مهرون ڳڻيون ته اُهي پوريون هيون پر هو ڪنجوس، سو پنج مهرون انعام ڏيڻ تي دل نه ٿيس. هن ڪڙميءَ کي چيو ته منهنجي ڳوٿريءَ ۾ ٽيهه مهرون هيون، تو پنج مهرون اڳيئي ڪڍي ورتيون آهن. ڪڙمي مکيءَ وٽ دانهن کٽي ويو. مکيءَ ڪاڪي ڪوڏومل کي گهرايو، جنهن پڻ مکيءَ سان ساڳي ڳالهه ڪئي. مُکي هو سياڻو، تنهن کيس چيو ته اُها ڳوٿري مهرن جي کٽي اچُ ڪوڏومل جڏهن ڳوٿري کٽي آيو، تڏهن مکيءَ ڏنو ته هن ڳوٿريءَ ۾ وڌيڪ مهرون پئجي نه سگهنديون. ڪوڏومل لوڀ وس ٿي ڪوڙ ٿو ڳالهائي. مکيءَ هن کي چيو ته هن ڳوٿريءَ ۾ وڌيڪ هڪ به مُهر پئجي نه سگهندي. تنهنجي شايد ٻي ڪا ڳوٿري هوندي. هيءَ ڳوٿري تنهنجي نه آهي. مکيءَ اُها ڳوٿري سچيار ڪڙميءَ کي ڏني ۽ ڪوڏومل منهن مٿو پٽيندو ويو. اِهو آهي لوڀ جو ڦل.

اچو تہ ڳالھ ٻولھ ڪريون ۽ لکون.



۱. هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو.

۱) ڪاڪي جو نالو ڇا هو ؟

۲) ڪاڪو ڇا جي ڪري مشهور هو ؟

۳) ٻوٽري ۾ ڪھڙيون مھرون هيون ؟

۴) صحيح فيصلو ڪنھن ڪيو ؟

۲. ہرئڪيٽ مان مناسب جواب ڳولھي لکو :

۱) چمڙي - دمڙي (ساڳي معنيٰ وارا لفظ خ هم آوازي لفظ)

۲) وڏو - ننڍو (ابتڙ معنيٰ وارا لفظ خ ساڳي معنيٰ وارا لفظ)

۳) سچيار (اِسم خ صفت)

۴) مُھرون (اِسم خ صفت)

۵) لوڀ - لالچ (اُبتڙ معنيٰ وارا لفظ خ ساڳي معنيٰ وارا لفظ)

۳. (الف) چوکنڊي مان مناسب اصطلاح چونڊي ليڪ ڏنل لفظن بدران ڪم آڻيو.

پنڌ ڪرڻ، ميڙڻ، پڙو گھمائڻ، متو پٺڻ

۱) ڳاڏي ڪُسي وڃڻ ڪري راجيش افسوس ڪرڻ لڳو.

۲) اوکي ويل لاءِ اسانکي بچت ڪري پيسا جمع ڪرڻ گھرجن.

۳) مان هميشھ وقت تي اِسڪول پھچڻ چاهيندو آهيان.

۴) راجا چورکي پڪڙڻ لاءِ سڄي شھر ۾ اعلان ڪرايو.

(ب) هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

| اصطلاح | معنيٰ |
|---|---|
| ڀرو وٺڻ | پاڳ وٺڻ |
| وار ونگو نہ ٿيڻ | |
| | تمام خوش ٿيڻ |
| ٿورو ميڄڻ | |
| | دلداري ڏيڻ |
| ڪنڌ ۾ ڪلي هئڻ | |
| | ساراھ ڪرڻ |

اهڙي نموني ڪي ٻہ ٻيا پنج اصطلاح لکو.

۴. ہرئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب زمان بدليو.

۱) هن ٻوٽ ۾ پڙو گھمايو. (زمان مستقبل ۾ بدليو)

۲) تنھن کي پنج مھرون انعام ڏيندس (زمان ماضيءَ ۾ بدليو)

۳) هن ڪڙميءَ کي چيو. (زمان حال ۾ بدليو)

۴) اِهو آهي لوڀ جو ڦل (زمان ماضيءَ ۾ بدليو)

## پاٺ ڪريون - پاٺ سکون

۱. (الف) هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

(عدد بدلائڻ)

| مثال | چوڪرو اسڪول وڃي ٿو | چوڪرا اسڪول وڃن ٿا |
|---|---|---|
| ۱. | مان گهمڻ ويندس | |
| ۲. | آڪيري ۾ جهرڪي ويٺي | |
| ۳. | بازار مان ڀاڄي خريد ڪئي | |
| ۴. | | منهنجا دوست رانديڪا وٺي آيا |
| ۵. | سهاڻيءَ تصوير ڪڍي | |
| ٦. | | اخبار جا پنا سهڻا هئا |

(ب) خاڪو پورو ڪريو.

(جنس بدلائڻ)

| مثال | چوڪرو اسڪول وڃي ٿو | چوڪري اسڪول وڃي ٿي |
|---|---|---|
| ۱. | | هرڻي ڊڪي ٿي |
| ۲. | ماستر سيکاري ٿو | |
| ۳. | | منهنجي ماميءَ مونکي انعام ڏنو |
| ۴. | ڳانءِ گاهه کائي ٿي | |
| ۵. | | ڊاڪٽرياڻيءَ علاج ڪيو |
| ٦. | شينهن گجگوڙ ڪري ٿو. | |

## ٿوري وندر

لفظ ساڳيا پر معنائون جُدا

| | | |
|---|---|---|
| ۱. پر - حرف جملي جو قسم<br>پر - پکيءَ جو پنک | ۲. وار - بدن جا وار<br>وار - حملو | ۳. مُهر - ٺپو<br>مهر - سون جي گني |
| ۴. حال - حالت<br>حال - هلندڙ | ۵. سار - ٽُٽ<br>سار - سنڀال | ٦. تار - ڌاتوءَ جي سنهي تند<br>تار - ٽيليگرام |
| ۷. هار - کٽڻ جو ضد<br>هار - مالها | ۸. راس - ڪم ختم ٿيڻ<br>راس - مورڻ وياج | ۹. هر - هرکو<br>هر - هاريءَ جو هرُ |

اهڙي نموني ڊڪشنريءَ مان ساڳي قسم جا لفظ ڳولهي لکو.

**ٻوليءَ جي سونهن - لالچ بري بلا آهي**

هدايتون: ماستر لفظن جي راند ڪرائي ٻارن جو ڌيان وڌائيندو. آڪٽين جا ڪتاب پڙهائيندو. لائبري ڊڪشنريءَ جي استعمال تي زور ڏيندو. ڪهاڻي ڪيئن لکڻ گهرجي ان جا مُدا سمجهائيندو.

# پوسٽ آفيس

ڏسو. جاچيو ۽ پڙهيو.




**هدايت :** ماسترپوسٽ آفيس جي ڪمن بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائي، پوسٽ آفيس بابت ١٠ - ١٢ جملا لکڻ لاءِ چوندو.

# ١۴. مونکي ياد آهي ...

**شروعات :** ماستر ٻارن کي سندن کيل ڀلائيءَ جي ڪمن بابت آزمودو پيچندو ۽ ٻين جي مدد ڪرڻ جي اهميت سمجهائيندي سبق جي شروعات ڪندو.

**ٻڌو. پڙهو ۽ سمجھو.**



”پڙهيگا اِنڊيا تيبي تو آگي بڙهيگا اِنڊيا“ اوچتو منهنجو ڌيان ٽي.وي. ڏانهن ويو. هن ننڍڙي جملي ۾ مونکي اونهو مطلب نظر آيو. اڄ آرتوار جو ڏينهن آهي. سونو ٽيوشن پڙهڻ ويو آهي. منهنجي ڌرمپتني هميشهه جيان رنڌڻي ۾ رڌل آهي. پر سچ پڇ تہ اِن ٽي.وي. واري سنديش تہ منهنجو من جهنجهوڙي ڇڏيو. منهنجو ماضي اڃي منهنجي اکيان بينو. اڄ مان بئنڪ آفيسر آهيان. ائين مان ڇئي سگهان ٿو، آدرش ڪتنب جو هڪ ڀاتي آهيان. پر جيڪڏهن منهنجي گذريل وقت ۾ تبديل نہ اچي ها، مان ڪٿي هجان ها ؟ مونکي ياد اچي رهيو آهي، اڄ کان ٽيهہ سال اڳ اسانجي ڳوٺ ۾ جڏهن ٻوڏ آئي هئي ...

منهنجي ڪتنب ۾ اَمان، بابا، منهنجو وڏو ڀاءُ ۽ منهنجي ننڍي ڀيڻ هئا. ڳوٺ ۾ اسانجو وڏو ڪرياني جو دوڪان هو. مان ۽ منهنجي ننڍڙي ڀيڻ ڳوٺ جي ضلعا پريشد اِسڪول ۾ پڙهڻ ويندا هئاسين. رواجي طور اسانجي زندگي ٺيڪ نموني هلي رهي هئي پر قدرت کي شايد ٻيو ڪجهہ منظور هئو. اُهو نظارو جڏهن اکين اڳيان اچي ٿو، ڄڻ بدن ۾ هڪ ٿرٿراهٽ ٿئي ٿي. دل تيز رفتار سان ڌڙڪڻ شروع ڪري ٿي. ڄڻ اسان جو بخُت

اسان کان رُسي ويو. سڄو ڳوٺ ٻوڏ جي راڻن سبب هاهاڪار ۾ بدلجي ويو. طوفاني برسات، گجندڙ بادل ۽ نانگڻ وانگر حملو ڪندڙ نديءَ جي تيز وهندڙ پاڻيءَ سڄي ڳوٺ کي تباهه ڪري ڇڏيو. منهنجي اکين جي اڳيان امان، وڏو پاءُ ۽ ننڍي ڀيڻ، ٻوڏ جي ٻل چڙهي ويا. اسان جو گهر، اسان جو دوڪان زبون ٿي ويا. مان ۽ بابا شهر مان سامان وٺي اچي رهيا هئاسين. جيتوڻيڪ برسات جي مند هئي پر خواب خيال ۾ نه هئو ته برسات اهڙو هيبتناڪ روپ وٺندي. گهر، کيت، دوڪان، سڀ پٽ اچي پيا. اڀوجهه جانورن جا لاش، دل ۾ هڪ عجيب درد پيدا ڪري رهيا هئا ... مونکي اڄ به ياد آهي سرڪاري عملو ٻوڏ ستايلن جي بچاءَ ڪارڻ ۾ تُرت جنبي ويو. ڳوٺ جي ڪيترن ئي ماڻهن کي اوچاين وارن هنڌن پهچايو ويو. ناپر اچڻ ڪانپوءِ جڏهن مان پنهنجي بابا سان گڏ گهر واپس آيس ته اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳس بابا مونکي آٿت ڏنو. اِسڪول ته مون کان ڇتي ويو. گهر... کي وري وسائڻ ۾ ڇهه مهنا لڳي ويا. بابا جي طبعيت ٺيڪ نه رهڻ لڳي ... سڄو بار منهنجي مٿان اچي پيو. اسان جو دوڪان ته سڄو ناس ٿي چڪو هو. لاچار مونکي پنهنجو ۽ بابا جو پيٽ پالڻ لاءِ ڳوٺ جي هڪ ننڍڙي هوٽل ۾ نوڪري ڪرڻي پيئي.

سمو سدائين ساڳيو نٿو رهي اِهو آزمودو به مونکي ننڍپڻ ۾ مليو. مان سامان کڻي هوٽل ڏانهن وڃي رهيو هوس. اچانڪ هڪ جيپ اچي منهنجي اڳيان بيني. هڪ عورت هيٺ لٿي. منهنجي عمر ۽ منهنجي هٿ ۾ مٿي تي ايڏو بوجهو ڏسي تپرس ۾ پئجي ويئي. سندس سوالن جي جوابن ۾ مون ڪيس سربستو داستانُ ٻڌايو. هن عورت جو نالو پروميلا تائي هو. هوءَ ”آدرش ٻال مهلا سنستا“ جي سياپتي هئي. ”ڇا تون اِسڪول پڙهندين؟“ اِهو سوال ٻڌي ڄڻ منهنجي بدن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي ويئي. مون هٻڪندي جواب ڏنو ها. مون چيو، ”ديدي، منهنجو بابا ٺيڪ نه آهي. مونکي گهر هلائڻو آهي. اِسڪول ته مان ضرور پڙهڻ چاهيان ٿو پر ... پروميلا تائي منهنجي حالت سمجهي ڏسو.“ ”تون گهر جي چنتا نه ڪر، اُها جوابداري منهنجي.“ بس، ڄڻ دل جي رفتار اُن وقت تيز ٿي ويئي. يڪدم اُن وقت پروميلا تائيءَ مونکي جيپ ۾ ويهاريو ۽ اِسڪول ڏانهن وٺي ويئي ... پروميلا تائي منهنجي بابا سان ملي سڄي گهر جي جوابداري همواري ڪئي. مان پڙهائيءَ ۾ دلوجان سان لڳي ويس ۽ پروميلا تائيءَ جي مدد سان ڪاليج جي ڊگري حاصل ڪئي.

مونکي ياد آهي جڏهن بئنڪ ۾ نوڪري ملڻ ڪانپوءِ مون کي پهرين پگهار ملي. بروقت مان ”آدرش ٻال مهلا سنستا“ ڏانهن روانو ٿيس. پروميلا تائيءَ جا پير ڇُهي ڪانئس آسيس ورتي ۽ سڄي پگهار کيس سنستا لاءِ ڏني. جيترو مان خوش هوس اُن کان ٻيڻي ٽيڻي خوشي مونکي پروميلا تائيءَ جي اکين ۾ نظر آئي. پروميلا تائيءَ جي ڪيل ڪوشش سبب ڪيترائي ٻار اسڪول وڃڻ لڳا. اِها ڳالهه ٻڌائيندي، هوءَ هڪ انوکي اُمنگ جو اظهار ڪري رهي هئي. مونکي ياد آهي اُن وقت پروميلا تائيءَ جي اکين ۾ هڪ نئين ڀارت جو سپنو نظر اچي رهيو هو. اُهو ڀارت جنهن ۾ ڪو به ٻار ٻنا پڙهائي جي نه هجي. اُهو ڀارت، جنهن ۾ ٻال مزدوري ڪٿي به نه هجي. سڀ ٻار اسڪول وڃن، چڱيءَ طرح پڙهن، سکن. پنهنجو، پنهنجي ڪٽنب جو ۽ پنهنجي ديش جو نالو روشن ڪن.

مان هر مهني ”آدرش ٻال مهلا سنستا“ کي پنهنجي پگهار مان مقرر حصو ڏيندو آهيان. اهو دان ڏيڻ ۾ مونکي فخر محسوس ٿيندو آهي ته ديش شيوا ۾ منهنجو به ٿورو يوگدان آهي

## اچو تہ ڳالھ ٻولھ ڪريون ۽ لکون.

**١. جواب ٻڌايو.**

١) ليکڪ جي ڳوٺ ۾ ڇا جو دوڪان هو ؟

٢) سرڪاري عملي ٻوڏ ڪانپوءِ ڪھڙو ڪم ڪيو ؟

٣) ليکڪ پيٽ پالڻ لاءِ ڇا ڪيو ؟

٤) پروميلا تائي ڪير هئي ؟

**٢. هيٺين لفظن جي اِسم ذات ٺاهيو :**

منظور، تباهہ، ابوجھہ، اوُچو، هيبتناڪ

**٣. ڏنگين ۾ ڏنل هدايتن موجب زمان بدلايو :**

١) دل تيز رفتار سان ڌڙڪڻ شروع ڪري ٿي. (زمان ماضي)

٢) مان پڙهائيءَ ۾ دلوجان سان لڳي ويس. (زمان مستقبل)

٣) اسڪول تہ مان ضرور پڙهڻ چاهيان ٿو. (زمان مستقبل)

## پاڻ ڪريون - پاڻ سکون

**١. لفظن جو صحيح سلسلو ٺاهي جملا ٺاهيو :** صحيح سلسلو

| | |
|---|---|
| ١) بہ نندپڻ اِهو مونکي آزمودو مليو ۾ | ........................................ |
| ٢) ڪي ٻيو پر قدرت منظور شايد هو ڪجھ | ........................................ |
| ٣) بہ مونکي اَڄ آهي ياد | ........................................ |
| ٤) اَکيان جيپ اَچانڪ هڪ منھنجي اَچي بيٺي | ........................................ |
| ٥) هلائڻو مونکي گھر آهي | ........................................ |
| ٦) تمام آهي اِرادو نيڪ | ........................................ |

**٢. وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سُڃاڻي لکو.**

| | |
|---|---|
| تي | حرف جر |
| افسوس | ............ |
| ڪکر | ............ |
| يا | ............ |
| تون | ............ |
| ڏِسڻ | ............ |
| سُٺو | صفت |
| ڪٿي ؟ | ............ |

۳. توهان پنهنجي پاڙي ۾ ڪڏهن، ڪنهنجي مدد ڪئي هُجي يا ڪو ثواب جو ڪمُ ڪيو هجي، انُجو ٿوري بيان ڪريو. ڪا آکاڻي يا ڪتا پڙهي هجي، اُن جو احوال لکو.

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

۴. توهان هيٺين حالتن ۾ ڇا ڪندا ؟

١) توهان جي دوست ڪي حساب وشيہ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي.

..........................................................................................

٢) توهان جي دوست توهان ڪي فائينل راند ۾ هارايو هجي.

..........................................................................................

٣) توهان جي دوست يا ساهيڙيءَ ڪي پڪنڪ تي هلڻ لاءِ پيسا ڪونہ آهن.

..........................................................................................

۴) توهان ڪي اِسڪول جي ميدان ۾هزار روپين جو نوٽ مليو آهي.

..........................................................................................

۵) توهان جي اُستاد سُني ڪم لاءِ توهان ڪي شاباسي ڏني آهي.

..........................................................................................

۵. هيٺيون خاڪو پورو ڪريو ۽ اسڪول ۾ توهان ڇا سکندا آهيو ؟ اُهو سوچي، هيٺيون خاڪو پورو ڪريو :

مان پڙهڻ سکندو آهيان



٦. تڪرپڙهي عملي ڪم پورو ڪريو :

سمو سدائين ........... اِسڪول ڏانهن وٺي ويئي.

١) خاڪو پورو ڪريو :

| اصطلاح | معني | جملو |
|---|---|---|
| تپرس ۾ پوڻ | عجب ۾ پئجي وڃڻ | ........................................................ |
| بوجهو ڪٽڻ | ............................ | پيڳوان اسانکي هر بوجهو ڪٽڻ جي همٿ ڏي |
| داستان ٻڌائڻ | ............................ | ........................................................ |
| خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وڃڻ | ............................ | ........................................................ |

٢) ست پڙهو ۽ ٻُولهي لکو :

سمو سدائين ساڳيو نه ٿو رهي اِهو آزمودو به مونکي ننڍپڻ ۾ مليو :

(الف) هڪ اِسم - ...............

(ب) هڪ ضمير - ...............

(پ) هڪ فعل - ...............

٣) هينيان جملا ڪنهن چيا آهن ؟

(الف) ”ڇا تون اِسڪول پڙهندين ؟“

(ب) ”تون گهر جي چنتا نه ڪر.“

(پ) ”ديدي، منهنجو بابا ٺيڪ نه آهي.“

٤) ’تپرس‘ لفظ ۾ چار اکر آهن : ت، پ، ر، س.

انهن مان اسان خاص لفظ ٺاهي سگهون ٿا.

مثال : تپ - پت، رس - سر - تر - رت

اهڙي نموني چوڪنڊي مان اهڙا لفظ چونڊيو، جن ۾ اکر بدلائي نوان لفظ تيار ڪري سگهجن ٿا :

| |
|---|
| هر دل |
| سڪ، مل، پڪ |
| ڪم، پر، ڪٽ |
| لپ، هل، جپ |
| رڳ، ڪڍ |

## ٻوليءَ جي سونهن

**ٻين جي ڏک ۾ ڪم اَچڻ، سڀ کان وڏي نيڪي آهي.**



هدايتون : ماستر جدا جدا نموني ٻين جي ڀلائي ڪري سگهجي ٿي، اُن بابت ڪيترائي مثال ٻڌائي. شاگردن کي اِن وشيه بابت جدا جدا آزمودا پڇي، انسان جا گڻ سمجهائيندو. آڊيو ۽ ويڊيو نياپا ڪلاس ۾ ٻڌائي ٻارن ۾ سنن گڻن جا ٻج ڇٽيندو. ماستريالائي ڪنڊڙ شخصيت سان اِسڪول ۾ ملاقات ڪرائي ۽ شاگرد سوال پڇن.

پراجيڪٽ : اَخبار ۾ ڀلائيءَ جو اَهڙو ڪو قصو پڙهيو هجي ته اُهو اَچي ڪلاس ۾ سيني سان ونڊيو.

# ١٥. ٻين سان ڀلائي

**شروعات :** ٻين سان ڀلائي ڪرڻ گهرجي، ماستر ان جي اَهميت ٻڌائيندي چوي ٿو ٻين جو ڀلو ڪرڻ سان پرماتما اسان جو ڀلو ڪري ٿو. اَسان جو فرض آهي ته ٻکين جا پيٽ ڀريون. پريوءَ جي ڏنل امانت دکين جي شيوا ۾ سڦلي ڪريون. ماستر ٻارن کان بيت جا تتوَ پڇندو. بيت جو سار ٻڌائي بيت جي شروعات ڪندو.

**ٻُڌو ۽ ڳايو.**






ڪرڻ آهه ٻهتر سڀني سان ڀلائي،
سٺي ڳالهه اَهڙي نه ٻي آهه ڪائي.

مِٺي مائٽي توکي جِت ڪم نه ايندي،
ڀلائي اُتي تنهنجو آڌار ٿيندي.

ڏني مَهر سان جي ڏٽيءَ توکي مايا،
ته ڪر تون ڏکيَن ۽ ٻکين تي به ڇايا.

ٻکين جون ٻکون لاهه ڪاراءِ تون،
تِن ڏيکائج اُگهاڙا ته توکي دُعا ڪَنِ.

جڏهن ڪوبه توسان ڀلائي ڪري ٿو،
تڏهن توکي آرام ڪيڏو اچي ٿو !

جيئن تو گهرين، توسان ڪَنِ سڀ چڱائي،
ڪَرڻ گهرجي تيئن توکي ٻين سان ڀلائي.

ڀلائي ڪندين تان ڀلو، تنهنجو ٿيندو،
ڀلائيءَ جا ڀاڙا ڏٽي توکي ڏيندو.

١. اَچو تہ ڳالھ ٻولھ ڪريون ۽ لکون. 

١) سيني ڳالهين ۾ سنئي ڳالھ ڪهڙي آهي ؟
٢) مايا ڪهڙيءَ طرح ڪم آڻڻ گهرجي ؟
٣) اسان کي ڪڏهن آرام ايندو آهي ؟
٤) جتي مِٽ مائٽ ڪم نہ ايندا، اُتي ڪير ڪم ايندو ؟
٥) تون ڇا چاهيندو آهين تہ ٻيا توسان ڇا ڪن ؟

٢. جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| ١) ڪرڻ آهي ٻَهتر | (اَ) آڌار ٿيندي |
| ٢) ڀلائي اُتي تنهنجو | (ب) سيني سان ڀلائي |
| ٣) جيئن ٿو گهرين | (ٻ) ڀلو تنهنجو ٿيندو |
| ٤) ڀلائي ڪندين تان | (ڪ) توسان ڪن سڀ چڱائي |

٣. (الف) رنگين زباني لکو.

١) مٽي مائٽي توکي جِت ڪم نہ ايندي.
٢) ٻکين جون ٻُڪون لاهہ.
٣) سنئي ڳالھ اهڙي نہ ٻي آهہ ڪائي.
٤) ڀلائيءَ جا ڀاڙا ڏٽي توکي ڏيندو.

(ب) هرهڪ لفظ جا ٻہ هم آوازي لفظ لکو.

١) ڀلائي = ............ ، ............
٢) ڏيندي = ............ ، ............
٣) سايا = ............ ، ............
٤) ٿيندو = ............ ، ............

٤. گول مان مناسب معنيٰ وارا لفظ ڳولهيو.

سهارو، آسيس
رحم، مايا، پرڀو
ڀلائي

١) ڏٽي = ..........................
٢) آڌار = ..........................
٣) مهر = ..........................
٤) دُعا = ..........................
٥) چڱائي = ..........................
٦) پيسو = ..........................


هدايتون: ماستر شاگردن کان کويءَ جي کلپنا بابت ڳالھ ٻولھ ڪرائيندو. ڀلائيءَ جي گُڻ تي زور وجهندو. لئبرريءَ مان ڀلائيءَ تي ٻيون آکاڻيون يا بيت پڙهڻ لاءِ همٿائيندو.

## پاڻ ڪريون - پاڻ سکون

١. هيٺ ڳجهارت ۾ شاعرن جا نالا تخلص ڏنل آهن، اُهي ڳولهيو :

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| گها | سا | س | ر | آ | شا |
| ٻ | مي | چ | م | ت | و |
| ل | چ | ل | شا | ه | س |
| ت | ض | يا | س | ڪ | ه |
| د | ڪا | يہ | ل | و | جهہ |

٢. ’اَ‘، ’يِ‘، ’وَ‘ اهي اکر حرف علت (سور) ۽ ٻين اکرن کي حرف صحيح (وينجن) چئبو آهي. ٻنهي کي ملائڻ سان لفظ تيار ٿيندو آهي :

مثال : ١) ر + و + دن = رودن

٢) س + ي + ر = سير

اهڙي نموني حرف علت ۽ حرف صحيح ملائي لفظ تيار ڪريو :

١) ٻُ + ک + ي + و = ..............

٢) پ + ل + ا + ي = ..............

٣) ا + ا + ر + ا + م = ..............

٤) س + پ + ن + ي = ..............

٣. ڏنل نيتائن بابت ڳالهه ٻولهه ڪريو ۽ اِنٽرنيٽ يا لئبرري ۾ مان ڄاڻ حاصل ڪري لکو.


سروجني نائڊو


جوتيبا ڦلي


لال بهادر شاستري


ويِر ساورڪر

## ٻوليءَ جي سونهن

**جيڪو ڪمزور جي مدد ڪري ٿو، سو مضبوط دل وارو آهي.**

هدايت : ماستر ڳجهارت حل ڪرڻ ۾ مدد ڪندو ۽ اهڙي نموني ٻيون ڳجهارتون ٻار پاڻ ٺاهن، انهن لاءِ کين همٿائيندو.

# ١٦. سوغات

**شروعات :** ماستر محنت بابت ڪيترائي مثال پيش ڪندو. ٻارن کي ٻڌائيندو تہ محنت سان ئي ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي. ٻارن کي ننڍڙيون آکاڻيون ٻڌائيندو ۽ سبق جي شروعات ڪندو.

ٻڌو. پڙهو ۽ لِکو.



سيٺ سچانند جي سُکي پريوار ۾ چار ڀاتي هئا. سچانند ڪانسواءِ سندس پتني سُلڇڻي، ڌيءُ آراڌنا ۽ سڪيلڌو پُٽ راهول. اوڙي پاڙي وارا هن آدرش پريوار جو مثال ڏيندا هئا. سچائي، ايمانداري، محنت، سک ۽ وشواس جا پنج رتن سيني جي سيني ۾ سانڍيل هئا.

راهول کي سڀيئي پيار ڪندا هئا. هوُ نہ صرف ڏسڻ ۾ ملوُڪ هئو، پڙهڻ ۾ پَڙ هئو، راندين جو ڪوڏيو هئو، ڪسرتي جوان هئو، يارن جو يارُ هئو، هر ڪم ۾ هوشيار هئو.

ساوتري ٻائي ڦُلي وشووديالیہ، پُڻي جي بي.ڪام. پريڪشا جو نتيجو هفتي ڪن ۾ اچڻ وارو هو. راهول کي پڪ هُئي تہ کيس سُنين مارڪن سان سڦلتا حاصل ٿيندي. مَن ۾ هڪ اِڇا اُتپن ٿيس تہ وجھہ وٺي پيءُ کي چوندو تہ رِزلٽ اَچڻ تي هوُ کيس هڪ اِسپورٽ ڪار سوکڙي طوروني ڏئي.

هڪ رات پيءُ کي پيڙون ڏيندي دِل واري ڳالھہ اُن سان ڪري ورتائين. سچانند اُهو ٻُڌي مُسڪيو ۽ سڪيلڌي پُٽ جي مٿي تي هٿ رکيو.

جنهن ڏينهن امتحان جو نتيجو ظاهر ٿيو، ڪاليج مان مارڪ شيٽ وٺي، گهر اَچي ماءُ - پيءُ کي پيرين پيو، آراڌنا کي ڀِراڙي پاتائين ۽ مارڪ شيٽ پيءُ جي هٿن تي رکيائين. ٨٠ سيڪڙو ڪان بہ مٿي مارڪون ڏسي

سچانند ڪپڙن ۾ نه پيو ماپي. پُٽ جي پيشاني چُمي، پاسي ۾ رکيل هڪ بند پارسل کيس ڏنو. راهول خوش ٿيو. پارسل جو مٿيون پنو کولي ڏٺائين ته شريمد ڀڳوت گيتا جو پوتر پستڪ نظر آيس. شري ڪرشن جي تصوير کي اَکين تي رکي، کوليل ڪاغذ ۾ اُهو پستڪ رکي پارسل بند ڪري ڇڏيائين. ٻاهر ٻاڦ نه ڪڍيائين.

روزاني زندگيءَ جي کَمن ڪارين ۾ وقت گذرندو رهيو. هاڻي راهول ۾ گنڀيرتا به اَچڻ لڳي هئي. اَحمدنگر جي هڪ خانگي ڪمپنيءَ ۾ راهول کي سٺي پگهار ۽ پوزيشن سان نوڪريءَ جي آڇ ٿي، جا هِن گهروارن جي صلاح سان قبول ڪئي.

نوڪريءَ سبب گهر ڇڏي اَحمدنگر ۾ مسواڙ تي هڪ ڪمرو وٺي اَڪيلو رهڻ لڳو. ڪم ۾ ڪڏهن به ڪنهن کي شڪايت جو موقعو نه ڏنائين. فرصت واري وقت ۾ وڌيڪ اَڀياس ڪندو رهيو. ماءُ، پيءُ ۽ ڀيڻ جي سارَسنڀال به لهندو رهيو. بالا عملدار راهول جي ڪم تي خوش ٿي وقت به وقت کيس اِضافو ڏيندا رهيا.

سچانند جي صحت ڏينهن پو ڏينهن ڍهندي رهي، راهول کي گهڻو ياد ڪرڻ لڳو. پيءُ جي طبعيت سبب راهول جو مَنُ به پيءُ طرف وڌيڪ مُڙڻ لڳو. هڪ شام جو آراڌنا پاءُ کي فون تي جلد گهر اَچڻ لاءِ چيو.

اوچتو راهول کي سامهون ڏسي سچانند جو چهرو چمڪڻ لڳو. راهول کيس پيرين پيو. مٿي تي هٿ گهمائيندي پيءُ کيس سامهون رکيل پارسل کڻي اَچڻ لاءِ چيو.

راهول سوچيو ته پتا کيس شايد گيتا پڙهڻ لاءِ چوي ٿو. هُن جيئن ئي اُهو پستڪ کوليو ته اُن مان هڪ چاٻي ڪري پيئي، اُن سان گڏ ڪار ڊيلر جو ڊليوري آرڊر لڳل هو، جنهن تي آرڊر جي تاريخ اِمتحان جي نتيجي واري ڏينهن جي هئي ۽ ڪار جي قيمت مليل هُئڻ جي رسيد به شامل هئي. اِهو ڏسي راهول جون اَکيون چرخ ٿي ويون. سچانند چيو، ”پٽ، اِن گهڙيءَ جو ئي مان اِنتظار ڪري رهيو هوس. مُنهنجي اِها خواهش هئي، تون پاڻ اِهو لفافو کولي چاٻي کڻين. مان ڪار ڊيلر سان پهريون ئي ڳالهائي ڇڏيو آهي. اَڄ به اُها ڪار ڊيلر توکي ملندي. پيءُ جي سڪ ڀري سوغات ڏسي راهول جي اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا ۽ هو پيءُ جي پيرن تي ڪري پيو.



### اَچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون ۽ لِکون.

۱. ۱) ڪھڙا پنج رتن سيني جي سيني ۾ سانڊيل ھئا ؟

۲) راھول کي سپيئي پيار ڇو ڪندا ھئا ؟

۳) راھول کي ڪھڙي اِڇا اُتپن ٿي ؟

۴) نتيجي واري ڏينھن سچانند پُٽ کي ڇا ڏنو ؟

۵) راھول کي ڪٿي نوڪري ملي ؟

۲. (الف) ھيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو :

پڙھڻ ۾ پَڙُ ھئڻ، يارن جو يار ھُئڻ، اکين تي رکڻ، اکيون چرخ ٿيڻ، پيشاني چُمڻ، کپڙن ۾ نہ ماپڻ، چھرو چمڪڻ

(ب) ھيٺين جا ضد ڏيو :

سُلڇٽي ......... پَڪ ......... سُکي .........

ظاھر ......... وشواس ......... سڦلتا .........

(پ) ھيٺين جون صفتون لکو :

پيار ......... ڪامياب ......... دل .........

ڪاغذ ......... وقت

(ڀ) عدد بدلايو :

سوکڙي ......... راند ......... چابي .........

اِڇائون ......... سڪيلڏو .........

### پاڻ ڪريون - پاڻ سکون

۱. ڏنل مِثال موجب ڏنگين مان صحيح اِنساني گُڻ چونڊي ڇوڪندا ڀريو :

(پيارُ هِمٿ، اُميد، بَھادُري، آتم وِشواسُ، دَيا، مَدَدَ، سَھڪارُ خوشي، اِيمانداري، سَچائي، ڀَڳتي ڀاونا)

مثال : مھيش پکين کي اَناج جا ڏاڻا ڪارائي ٿو. | ديا |

| جملو | اِنساني گُڻ |
|---|---|
| ۱) مينا پنھنجي ساھيڙيءَ کي حساب سيکاريا. | |
| ۲) ماءُ ببلوءَ کي گود ۾ کنيو. | |
| ۳) ميجر ڪرنلسنگھہ کي جنگ ۾ جيت حاصل ڪرڻ سبب سونو ٻلو اِنعام ۾ مليو. | |
| ۴) رڪشا ڊرائيور ساوتريءَ کي رڪشا ۾ وساريل پَرس واپس ڏني. | |
| ۵) ونيشَ يڪدم زخميل دوست کي اَسپتال پَھچايو. | |
| ٦) مَھڪِ سُمھڻ کان اَڳہ ڀڳوان جي پرارٿنا ڪندي آھي. | |
| ۷) گووِرڌن پڪو اِرادو ڪيو تہ ھو ضرور ڊاڪٽر بڻجندو. | |
| ۸) ڪلاس ۾ مينا پنھنجي غلطي مڃي. | |
| ۹) سورج ٻڏندڙ ٻارکي بچايو. | |
| ۱۰) جنگہ تي ويل جوان جي ماءُ سندس موٽي اَچڻ جو انتظار ڪندي آھي. | |

۲. هيٺيان هڪ ٻئي جي سنبنڌ جا چترڏسو، اِنهن وچم گفتگو لکو .







۳. هيٺين جُملن مان فاعل، مفعوُل ۽ فعل ڳولهيو :

| | فاعل | مفعوُل | فعل |
|---|---|---|---|
| ۱) هريش انَب کاڌو. | | | |
| ۲) جَج چورکي سزا ڏني. | | | |
| ۳) توهان صفائي رکندا آهيو. | | | |
| ۴) مُنهنجي ماسترياڻي حساب سيکاريندي. | | | |
| ۵) مان سنڌي ڳالهيان ٿو. | | | |

۴. تڪرپڙهي ۽ عملي ڪم پورو ڪريو :

راهول سوچيو تہ ............ پيءُ جي پيرن تي ڪري پيو.

۱) چوڪنڊي مان مناسب جواب ڳولهي لکو :

آرڊر، ڪار، پستڪ، گيتا
چاپي، تاريخ

مناسب لفظ :

(الف) هڪ واهڙ - ☐

(ب) هڪ انگريزي لفظ - ☐

(پ) هڪ ڌارمڪ گرنٿ - ☐

(پ) هڪ هندي لفظ - ☐

(پ) هڪ سنڌي لفظ - ☐

(ڪ) ڪئلنڊر سان واسطو رکندڙ لفظ - ☐

۵.   سؤغات لفظ ۾ ’غ‘ اکر سمايل آهي، هيٺين لفظن ۾ ’غ‘ اکر کم آڻي خال ڀريو :

١)   ........ ٺب (گُم ٿيڻ)

٢)   دِما ........ (مغز)

٣)   ........ م (ڏُک)

۴)   ........ريب (شاهوڪار جو ضد)

۵)   ........ صو (ڪاوڙ)

٦)   با........ (گُهمڻ جو هڪ هنڌ)

اهڙا ٻيا ’غ‘ اکر وارا لفظ ڊڪشنريءَ مان لکو.

٦.   اڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گولو پايو :

مثال :   پڙهڻ،   سمجهڻ،   راند ڪرڻ،   لکڻ

١)   قيمت،   رقم،   پيسا،   ڪار

٢)   خواهش،   پسند،   چاهنا،   اِڇا

٣)   اسڪول،   امتحان،   آزمائش،   جاچ

۴)   ڳالهه،   زبان،   لفظ،   سوغات



## ٿوري وندر

١.   لفظ سڃاڻو.

مثال :   مون وٽ گل ۽ ٻوٽا
مون وٽ پينگها آهن.
(’ب‘ سان شروع)   ←   باغ

(١) مان روشني ڏيندو آهيان
مان آرتيءَ ۾ ڪم ايندو آهيان.
(’ڏ‘ سان شروع)   ←

(٢)   مان اِسم ذات آهيان
شاهوڪاريءَ جو ضد آهيان.
(’غ‘ سان شروع)   ←

(٣) مون ۾ سڀ پاڻي هوندا آهن
سڀ هڪ ٻئي جو خيال ڪندا آهن.
(’ڪ‘ سان شروع)   ←

(۴) ’صحت‘ جي مان صفت آهيان
آخر ۾ مون ۾ ’مند‘ آهي.
(’ص‘ سان شروع)

(۵) منهنجو واسطو ’ڪلا‘ سان آهي
آخر ۾ مون ۾ ’ڪار‘ آهي.
(’ڪ‘ سان شروع)

۲. هيٺين آڏ اَڪري ٻجهارت مان ندين جا نالا ڳولهيو.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | جھ | | گو | | پي | تا |
| | ڪُ | ي | | دا | مَ | ر | ن |
| | ر | ل | ي | و | ر | | سا |
| | شُ | م | | ري | و | ڪا | ب |
| | نا | ج | ل | ت | س | | ر |
| | | مُ | | گا | نُ | گ | مَ |
| | ب | نا | چ | | ڏوُ | | تِي |

## ٻوليءَ جي سونهن

صبر ۽ محنت ڪاميابيءَ جا ٻه ڏاڪا آهن.



هدايت : ماستر شاگردن کي آدرش پريوار جي ٻين خاصيتن بابت ڄاڻ ڏيندو.
پروجيڪٽ : ماستر شاگردن کي چوندو ته گهر مان سنسڪاري ٻار جا ڏهه ڳڻ لکي اَچن.

# ١٧. سنڌي لوڪ نرتيه

**شروعات :** ماستر 'لوڪ ادب' جي اهميت ٻڌائيندو. لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ شاعريون، لوڪ گيت، لوڪ نرتيه جا ڪجهه مثال ٻڌائي سبق جي شروعات ڪندو. ڪجهه ڪتابن جا نالا ٻڌائي پڙهڻ لاءِ همٿائيندو.

ٻڌو. پڙهو. نرتيه ڪري مؤج ماڻيو.





لوڪ نرتيه اسان جي تهذيب جو اڻ ونڊيو حصو آهن. اُنهن ۾ سادگيءَ سان گڏ مؤج، مستي ۽ ڪشش هوندي آهي. اسان سنڌين جا انيڪ لوڪ ناچ آهن. جيئن جهُمِر، ڇيڄ، ٽپرو، جمالو سَماءُ وغيره. جهُمرِ ۽ ڇيڄ سڀني کان وڌيڪ مشهور لوڪ نرتيه آهن.

ناليرا سنڌي نرتيڪار آهن راني ڪرنا، اَنيلا سندر، سونو چوڌري، ڇيناند للواڻي، دِويا رائسنگهاڻي، نڌي چندناڻي، وغيره.

جهُمر زالن جو لوڪ ناچ آهي، جڻين، شادي ۽ ٻئي ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي عؤرتون جهُمر هڻنديون آهن. شام جي وقت يا رات جو اوڙي پاڙي جون عؤرتون گڏ ٿينديون آهن. جهُمر وجهندڙ زالون وچ ۾ گول گهيرو ٺاهي بيهنديون آهن ٻيون عؤرتون ٺالهه، ڍولڪ ۽ تاڙيون وڄائينديون لاڏا ڳائينديون آهن. اُنهن جي سُر ۽ تال تي جهُمر وجهندڙ عورتون نچنديون ۽ ڳائينديون آهن. اُن جي نچڻ جي اَدا من موهي ڇڏيندي آهي. اِن ريت جهُمر، سُر، تال ۽ ناچ جو اَنوکو سنگم آهي.

ڇيڄ مردن جو لوڪ نرتيه آهي. ڪنهن بہ خوشيءَ جي موقعي تي مرد ڇيڄ هڻندا آهن. ڪجهه مرد هٿن ۾ ڏونڪلا ۽ ريشمي رومال جهلي، گول گهيرو ٺاهي بيهندا آهن. اُنهن جي وچ ۾ يا پاسن کان دُهلاري دُهل وڄائيندا آهن. شرنائيءَ وارا شرنايون وڄائيندا آهن. اُن سُر ۽ تال جي جنبش تي سڀ ڇيڄاري ڏونڪلي سان ڏونڪلو هڻندي ۽ گول گهمندي نچندا آهن. چؤطرف بيٺل ماڻهو ڇيڄ جي مؤج ۾ جهومندا آهن ۽ گهورون گهوريندا آهن.

چيٽي چنڊ ۽ چاليهي صاحب وقت، ٻهراڻي ۽ ڇيڄ، جهُمر جا اِسرِ هوندا ئي آهن. ٿارونءَ (شڪروار) تي ۽ سنڌين جي ميلن ملاڪڙن تي سنڌي لوڪ ناچ ڏسي، دل باغ بهار ٿي ويندي آهي. اهڙن موقعن تي ماحول معطر ٿي پوندو آهي. سڀئا سنڌي چهرا سرهائيءَ سان ٻهڪڻ لڳندا آهن.

۱. اچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لکون.

۱) اسان جي تهذيب جو ڪهڙو حصو ڪهڙو آهي ؟

۲) سنڌي لوڪ نرتين جا نالا لکو.

۳) ڪجهہ سنڌي نرتيڪارن جا نالا لکو.

۴) لوڪ ناچ جو ڏسندڙن تي ڪهڙو اثر ٿيندو آهي ؟

۲. پاٺ جي آڌار تي خال ڀريو.

۱) ............ ۽ ............ وڏيڪ مشهور لوڪ ناچ آهن.

۲) جهُمر سُر تال ۽ ناچ جو ............ آهي.

۳) ڪجهہ مرد هٿن ۾ ............ ۽ ............ جهلي گول گهيرو ناهي بيهندا آهن.

۴) چوڌارف بيٺل ماڻهو ............ جي موّج ۾جهومندا آهن.

۳. جملن ۾ ڪم آڻيو.

اوڙو پاڙو ............

گول گهيرو ............

دهلاري ............

ڇيڇاري ............

من موهي ڇڏڻ ............

گهورون گهورڻ ............

۴. هيٺ ڏنل لفظن جا عدد بدلايو.

عوُرت ، لاڏو ، تاڙيون ، ڏونڪلا ، شرنائي ، گهورَ

۵. خاڪو پورو ڪريو.

| جملو | فاعل | مفعوُل | فعل |
|---|---|---|---|
| ۱) ساهلي ۽ نئون موبائيل خريد ڪريو. | | | |
| ۲) پارٿ رانديڪو ٽوڙي ٿو. | | | |
| ۳) اسان ٽي.وي ۽ تي سماچار ڏسون ٿا. | | | |
| ۴) پاويڪا مندر لاءِ پرساد خريد ڪيو. | | | |
| ۵) منيش خط ۾ دوست کي واڌايون ڏنيون. | | | |

## وڌيڪ ڄاڻ

۱. توهان لوڪ نرتيہ بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. لوڪ ادب جا ڪيترائي انگ آهن جهڙوڪ لوڪ گيت، لوڪ ڪهاڻيون ۽ لوڪ چوڻيون، وغيرهہ.

هيٺ هرهڪ جا ڪجهہ مثال ڏنل آهن اهڙي نموني ماستر ۽ مائٽن جي مدد سان ٻيا مثال حاصل ڪريو.

| | |
|---|---|
| لوڪ ڪهاڻي | روپ بسنت، ڪوئل ڏيپچند، نوري ڄام تماچي، ٻيجل راءِ ڏياچ، عمر مارئي |
| لوڪ گيت | لاڏا، اوراڻا، لوليون |
| لوڪ چوڻيون | اَڏن بہ ملتان لڏو، آيا ميرپڳا پيئ چور جي ماءُ ڪنڊ بہ روئي |
| لوڪ ناٽڪ | سورٺ - راءِ ڏياچ، دودو چنيسر، راجا ڏاهرسين |

ڏسو. جاچيو ۽ ٻڌايو.

هيٺيان چترڏسي ڀارت جا مشهور نرتيہ سڃاڻي لکو.



هدايت : ماستر شاگردن سان الڳ الڳ نرتين بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري ڪنهن بہ هڪ نرتيہ بابت ١٠ - ١٢ جملا لکڻ لاءِ چوندو.

# شؤنق

ڏسو. جاچيو ۽ ٻڌايو.

هرڪنهن ٻار جا شؤنق هوندا آهن. ماسترهيٺ ڏنل پنهنجي شؤنق سان لاڳاپو رکندڙ چترڏيکاري ٻارن کان ڳالهه ٻولهه ڪرائي ڪين ڇا وڻندو آهي، پُڇي.



مونکي ڪرڪيٽ راند ڪرڻ وڻندي آهي.



مونکي ٻليءَ جو خيال رکڻ وڻندو آهي.



مونکي گٽار وڄائڻ ۽ ڳائڻ سُٺو لڳندو آهي.



مونکي پکين کي اَن ۽ پاڻي ڏيڻ وڻندو آهي.



مونکي نيون نيون ڪسرتون ڪرڻ وڻنديون آهن.



مونکي ڳجهارتون حل ڪرڻ وڻنديون آهن.

# ١٨. اِخبار

**شروعات :** ماستر اخبار پڙهڻ جي اهميت ٻڌائيندو. اخبار پڙهڻ جا فائدا ٻارن ۾ گفتگو ڪرائي بورڊ تي لکندو. روز اخبار پڙهڻ لاءِ همٿائيندو. بيت جو سار ٻڌائي، بيت جي شروعات ڪندو.

ٻڌو ۽ ڳايو.

پڙهان تو روزاني اخبار
جيڪا خبرن جو ڀنڊار

١. اخبارن سان گيان وڌي تو
مُلڪ جو پورو ڏيان اچي تو
ديش جي چپي چپي جو هردم
پورو پورو بيان ملي تو
پوڙهن جهڙن ۾ آ سنسار
پڙهان تو روزاني اخبار.

٢. اخبارن ۾ اچن کهاڻيون،
سڏجن نيون هجن پراڻيون،
هر گهٽنا تي لکجن ليک،
پڻ ته هجن شاديون پرچاڻيون،
هر ڪنهن جو پنهنجو اظهار
پڙهان تو روزاني اخبار.

٣. ڪي روزانيون، هفتيوار
خاص انڪ ساهت سينگار
ماهوار ڪي سانڍڻ جهڙيون،
ڪن ۾ ڳڻ آنمول ويچار
لڪي تو پياسي پڙهي کو پار
جن جي هيءُ پياري اخبار.



اچو تہ ڳالھ ٻولھ ڪريون ۽ لکون. 

١. ٻڌايو !

١) ديش جو پورو پورو احوال ڪنھن مان ملي ٿو ؟

٢) اخبارن ۾ ڪھڙيون ڪھڙيون ڳالھيون ڇپجنديون آھن ؟

٢. ھيٺين لفظن جا ساڳئي معنيٰ وارا لفظ 'الف' ۽ 'ب' ۾ ملايو.

(الف) ملڪ، گيان، سنسار، گھڻا، انمول

(ب) دنيا، واقعو، ڄاڻ، ديش، مُلھائتو

٣. سٽون پڙھو، سٽن اکرن ۾ لکو ۽ عملي ڪم پورو ڪريو.

اخبارن ۾ اچن ڪھاڻيون
سڏجن نيون ھجن پراڻيون
ھر گھڻا تي لکجن ليک
پل تہ ھجن شاديون پرچاڻيون
ھر ڪنھن جو پنھنجو اظھار
پڙھان ٿو روزاني اخبار

٤. نثري روپ ۾ لکو.

(الف) پڙھان ٿو روزاني اخبار

(ب) ھر گھڻا تي لکجن ليک

٥. لفظ ڳولھيو :-

١) 'ڪ' سان شروع ٿيندڙ - ..............................
٢) 'ر' سان ختم ٿيندڙ - ..............................

٣) 'چ' ھوندڙ - ..............................
٤) ھم آوازي لفظ - ..............................

٦. ھيٺيان مثال سمجھي ✓ يا ✗ نشان ڪريو.

| اخبارن ۾ موجود | ✓ يا ✗ |
| --- | --- |
| اشتھار | ✓ |
| ديش دنيا جون خبرون | |
| اسڪولي درسي ڪتاب | ✗ |
| شاديون پرچاڻيون | |
| آبھوا جي اڳڪٿي | |
| ماڻھن جا شخصي خط | |
| امتحانن لاءِ سوال نامو | |
| سرڪاري سلامت دستاويز | |
| راندين بابت خبرون | |
| سمپادڪ پاران ليک | |
| عام اطلاع | |

## پاڙ ڪريون - پاڙ سکون

۱. هيٺ ڏنل اخبار جي رپورٽ پڙهو.



### رت دان

جنوري ۱۸، ناگپور:

شهر جي نگرسيوڪ جي اڳوانيءَ ۾ رتُ دان مُهم هلائي ويئي. اُن مُهم ۾ ڪيترن ئي واپارين، اسڪول جي ماسترن، شاگردن جي مائٽن بهرو ورتو.

شهر جي جدا جدا هنڌن تي رت دان جي ڪئمپ لڳائي رت جا نمونا ڪٺا ڪيا ويا. پوسٽرن ۾ رت دان ڪرڻ لاءِ نعرا لکيل هئا. جن وسيلي عام جنتا تائين رت دان جي اهميت جو سنديش پهتو.

اهڙي نموني توهان هيٺ ڏنل وشين تي اخبار لاءِ رپورٽ تيار ڪريو.

۱) توهان جي اسڪول ۾ ساليانو انعامي اُتسو ملهايو ويو.

۲) راجيه سطح تي راندين جي چٽاپيٽي ڪئي ويئي.

۳) توهان جو اسڪول (SQAFF) چٽاپيٽيءَ ۾ اي گريڊ ۾ آيو.

## ٿوري وندر

۱. گول مان مناسب جواب ڳولهيو.

(۱) اخبار ............. وقت ايندي آهي.

(۲) اخبار ۾ ............. سمايل هونديون آهن.

(۳) اخبار ڄاڻ جو هڪ سنو ............. آهي.

(۴) اخبار پڙهڻ سان ............. حاصل ٿئي ٿو.

جاڻ، خبرون
علم، صبح
ذريعو

## ٻوليءَ جي سونهن

**روزانو اخبار پڙهڻ علمءَ سوچ کي جاڳائي ٿي.**

هدايت : ماستر ٻارن کي اخبار ڏيکاري سمجهائي ته ڪهڙي صفحي تي ڪهڙيون خبرون ڇپجن ٿيون.

پروجيڪٽ : ۱) ماستر اخبار مان 'راندين جي خبرن' جا ٽڪرا ڪٽي اچڻ لاءِ چوندو.

۲) ڪنهن تازي خبر بابت پنهنجو رايو لکي اچڻ.

# اِشتهار

خوشخبري! خوشخبري! خوشخبري!!

سيني ڪتاب پريمين کي ٻڌائيندي خوشي ٿي رهي آهي تہ توهانجي شهر پُڻي ۾ هڪ وشال ڪتاب نماءُ جو آيوجن ڪيو ويو آهي.



## ”گيان ڪتاب نماءُ“



هرهڪ ڪتاب تي هڪ سوکڙِي

تاريخ : ٢٣ اَپريل کان ٢٥ اَپريل

ٽائيم : صبح ٩ بجي کان شام ٦ بجي تائين

جڳھ : فرگوسن ڪاليج، ايف.سي. روڊ،

پُڻي ۴١١٠٠٥

اَچو ۽ ڪتابن جي دنيا ۾ گُم ٿِي وڃو.

نماءُ جا ڀاڱا :

- ڪهاڻي
- نظم
- ناول
- ٻال ڪهاڻيون
- سفرناما
- عام ڄاڻ
- مخزن

۽ ٻيو گهڻو ڪجھ

**مشغولي :** سوالن جا جواب لکو.

(١) نماءُ جا جو آهي؟

(٢) ڪهڙي تاريخ تي نماءُ شروع ٿيندو؟

(٣) ڪهڙي شهر ۾ نماءُ آهي؟

(۴) نماءُ جا ڪهڙا ڀاڱا آهن؟



**هدايت :** ماستر اشتهار بابت ڳالھ ٻولھ ڪري ٻيو اِشتهارن کي ٺاهڻ لاءِ چوندو.

# ١٩. فضيلت

**شروعات :** فضيلت هڪ اُتم گڻ آهي. جنهن سبب اِنسان هرڪيترَ ۾ ترقي ڪري ٿو، هرهنڌ آدر، مانُ ۽ پيارپائي ٿو. ماستراها ڳالهہ سمجهائي سبق جي شروعات ڪندو.

## پڙهو ۽ سمجهو.





ٻين سان سٺي هلت چلت يا وهنوارڪي فضيلت چئبو آهي. فضيلت لفظ ۾ اسان جو اُٿڻ - ويهڻ، ڳالهائڻ - ٻولائڻ سڀ اچي وڃن ٿا.

فضيلت هڪ اهو ڳهڻو آهي جنهن جي ذريعي اِنسان سماج ۾ هرهنڌ مان ۽ عزت پائي سگهي ٿو. اُنهيءَ گڻ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ اُن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ اسان جو پئسو پائي خرچ نٿو ٿئي، پر موٽ ۾ اسان کي گهڻو ڪجهہ حاصل ٿئي ٿو.

اِنسان ڪيترو بہ پڙهيل ڳڙهيل ڇو نہ هجي پر جيڪڏهن فضيلت جي ڪوتاهي هوندس تہ اُن کي ايڏو آدر نہ ملندو. اهڙا ڪيترائي مثال ملندا جو پڙهيل ڳڙهيل اِنسانن کي بہ نوڪري نہ ملي ۽ اُنهن کي ملي جن ۾ فضيلت جو گڻ هو.

ڪنهن بہ اِسڪول، ڪاليج يا آفيس ۾ اسين فضيلت سا ن هلنداسين تہ اسان جو ڏکيو ڪم بہ آسانيءَ سان ٿي سگهندو. اسان کي گهرجي تہ پاڻ کان وڏن ۽ بزرگن کي مانُ ڏيون ۽ اُنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪريون.

ننڍڙن کان سواءِ فضيلت جو گڻ پرائي نٿو سگهجي. جيڪڏهن اسين چاهيون تہ پنهنجي ڪم ۾ سوڀارا ٿيون تہ هٺ وڏائي ڇڏي، ننڍڙن ڏاريون ۽ سڀني سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪريون.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ رڌل وينو هجي ته اُن جي ڪم ۾ رنڊڪ نه وجهجي. اُن سان ڳالهائڻ کان اڳ اُن کي چئجي، ''سائين معاف ڪجو'' ڪم پوري ٿيڻ کان پوءِ اُن جي مهرباني مڃڻ گهرجي. ڪنهن کي جيڪڏهن اسين ڪو ايذاءُ يا تڪليف پهچايون ته اُن جي لاءِ اسان کي پشيمان ٿيڻ گهرجي ۽ اُن کان معافي وٺڻ گهرجي.

مٺو ڳالهائڻ پڻ فضيلت جي هڪ نشاني آهي. ''زبان آهي ننڍڙي پر آهي وهه جي ڳنڍڙي.'' جيڪڏهن اسين ڪنهن سان کهرو ۽ بدشد ڳالهايون ٿا ته اڳلي جي دل کي چوٽ ٿي پهچي. اُن لاءِ ڳالهائڻ کان اڳ چڱيءَ طرح سوچجي ته مان جيڪو ڳالهايان ٿو اهو اڳلي کي دهرم ته ڪونه رسائيندو. ڇاڪاڻ ته زبان مان نڪتل لفظ وري واپس ڪونه ايندا.

چوندا آهن، ''تلوار جو گهاءُ ڇٽي وڃي، پر زبان جو گهاءُ مور نه ڇٽي.'' ان ڪري سڀني سان مٺو ڳالهائجي. اسان جي هلت چلت اهڙي هجي جو ماڻهو ڏسي اسان جي عزت ڪن. فضيلت وارو اِنسان دنيا ۾ ڪڏهن به ناڪامياب نه ٿيندو ۽ زندگيءَ ۾ سدائين ترقي ڪندو.

١. اچو ته ڳاله ٻوله ڪريون ۽ لکون.



جواب ٻڌايو.

١) فضيلت مطلب ڇا ؟
٢) وڏن سان اَسان جو وهنوار ڪيئن هئڻ گهرجي ؟
٣) ننڍن سان اَسان جو وهنوار ڪيئن هئڻ گهرجي ؟
٤) هڪ چوڻي ٻڌايو.

٢. تڪرپڙهو ۽ عملي ڪم پورو ڪريو :

''جيڪڏهن ڪو ماڻهو .......... زبان مان نڪتل لفظ وري واپس ڪونه ايندا.''

١) اکر استعمال ڪري مناسب لفظ ٺاهيو :

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| مثال : | ن | با | ز | | | = | زبان |
| ١) | ڌ | ر | ل | | | = | |
| ٢) | ه | رو | ڪ | | | = | |
| ٣) | ه | ر | با | ني | م | = | |
| ٤) | ٽ | چو | | | | = | |

٣. چوڪنڊي مان مناسب ساڳي معنيٰ وارو لفظ چونڊي لکو :

رُڏل، رنڍڪ، ايذاءُ، پشيمان، وِهه

| زهر | چوٽ | شرمسار | مشغول |
|---|---|---|---|
| وِهه | | | |

٤. هيٺ ڏنل حالتن ۾ توهان ڇا ڪندا ؟

١) توهان جو دوست ڪنهن ڪم ۾ رُڌل آهي پر توهان کي ڪو خاص نياپو ڏيڻو آهي ....

٢) برسات ۾ توهان جي دوست توهان کي پنهنجي ڇٽيءَ ۾ لڪائي گهر پهچايو ....

٣) توهان دوست جو ڪتاب وقت تي نہ پهچائي سگهيا .....

٥. اچو تہ راند ڪريون :

ڪوتاهي، ڪمي، گهٽتائي

مانُ، عزت، آدر

چوٽ، ايذاءُ، تڪليف

مٿي ڏنل مثال سمجهي ڊڪشنريءَ مان معنيٰ ڳولهي لکو.

| | |
|---|---|
| زيور | |
| ادب | |
| آساني | |
| نئڙت | |
| دهرم | |

## پاڙ ڪريون - پاڙ سکون

۱. 'اُٿڻ'، 'وهڻ'، 'ڳالهائڻ' اِهي لفظ فعل آهن.

مثال سمجهي برئڪيٽ ۾ مناسب فعل جو اصلي روپ لکو.

**مثال :** راجيش تڪڙو ڊوڙي ٿو. | ڊوڙڻ |

۱) راڌا خط لکندي. [ ]

۲) اسان ادب سان ڳالهايون. [ ]

۳) ڪالهه منهنجو مامو آميريڪا مان آيو. [ ]

۴) لئبريري ۾ مان، مان ڪتاب ورتو. [ ]

۲. چؤڪنڊي مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو :

| سچ، نظارا، آنند، چترڪار |
|---|

قدرت جا سهڻا ....... اسين روز پيا ڏسون. صبح جو ....... جو اُڀرڻ، سج لهڻ، پهاڙ نديون اهي سڀ ڏسندي اسان کي بيحد ....... ايندو آهي. ....... اهڙا نظارا پنهنجي چترن ذريعي سانڍڻ جو جتن ڪري ٿو.

۳. هينين اکرن کي ڌيان سان ڏسو :

ب، ٻ، ٿ، ک، ۾، ڏ اکرن جي اُچار ڪرڻ ۾ ڇپن، جڀ ۽ تارون ۽ کان مدد وٺڻي پوي ٿي. اهڙن اکرن کي "حرف صحيح" چئبو آهي. اهڙا حرف صحيح جا ٻيا مثال ڏيو.

۴. پروليون سليو.

(۱) سات ڏئي، پوڄا جي ۾
جمع مرڻ شادي ۽ غم ۾
ڪنور جهڙو، ڏاڙهي ۽ سان
هوُن ۽ نـه ـ رس ملائي پاڻ

(۲) هڪڙي اُڀ، ڌرتي ۽ ساڳر ۾ آهي
ٻيو اِهو گهر گهر ۾ آهي
ٻني ۽ کي اُجلو صاف ڪري
ڪِن ڪَچري سان پاڻ ڀري.

## ڏسو. جاچيو ۽ ٻڌايو.





**هدايت :** ماستر شاگردن کي چترباٻت ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو ۽ سُنن گڻن بابت ٻڌائيندو.

# درخواست

**شروعات :** ماسترخط جا قسم، مثال، نياپو پهچائڻ جا ٻيا ذريعا، اِنهن وشين تي شاگردن سان ڳالهه - ٻولهه ڪرندو.

**پڙهو. سمجهو ۽ لِکو.**



هيڊماسٽر صاحب،

سوامي سرواننڊ وديالي،

چيمبور، ممبئي

تاريخ : ٨ فيبروري ٢٠٢٧

**وشيه :** اِسڪول ليونگ سرٽيفڪيٽ ڪڍائڻ بابت عرض.

مانيور هيڊماسٽر صاحب،

عرضُ تہ مُنهنجي ننڍي ڀاءُ توهان جي اِسڪول مان ڏهون درجو پاس ڪيو آهي. قضا سان جڳهہ جي لڏپلاڻ سبب سندس اِسڪول ليونگہ سرٽيفڪيٽ هيٺ مٿي ٿي ويو آهي. هاڻي اَسان کي هُن جو پاسپورٽ ٺهرائڻو آهي. تنهن لاءِ اِسڪول ليونگہ سرٽيفڪيٽ هڪ لازمي گُهرج آهي.

مان توهان کي وينتي ٿو ڪريان تہ جلد بہ جلد ليونگہ سَرٽيفڪيٽ جو نقُلُ ڏيڻ جي عِنايت ڪندا. سرٽيفڪيٽ بابت تفصيل هيٺ ڏنل آهي.

نالو : سنجيہ گوپالداس رامچنداڻي

پاس : درجو ڏهون

سال : مارچ ٢٠١٢

توهانجي مهرباني،

اَجيہ گوپالداس رامچنداڻي



۱. اَچو تہ ڳالھ - ٻولھ ڪريون ۽ لکون.

۱) سنڄير جو ليونگ سرٽيفڪيٽ ڪيئن گُم ٿيو ؟

۲) سنڄير ڪي ڇا ٺهرائڻو هو ؟

۳) اَڄير ڇا جي نقل ڪاپيءَ لاءِ عرض ڪيو ؟

۲. جملن ۾ ڪم آڻيو :

عنايت، لازمي، قصا، وينتي، لڏپلاڻ

## وڏيڪ ڄاڻ





۱. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ نياپو پهچائڻ لاءِ خط ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪيترا ئي وسيلا آهن. موبائيل فون رستي SMS (Short Message Service) هڪ سنو ذريعو آهي. اَڄ ڪالھ نياپا، تصويرون، آوازي نياپا، درشني نياپا تمام جلد موڪلڻ جو هڪ خاص وسيلو آهي اليڪٽرانڪ ميل، جنهن کي اَسين E.mail سڏيون ٿا.

۲. E.mail ڪيئن موڪلجي. اِها ڄاڻ پنهنجي اُستاد يا مائٽن جي مدد سان حاصل ڪري، هيٺين سوالن جا جواب ڏيو :

۱) E.mail موڪلڻ لاءِ ڇا ڇا ضروري آهي ؟

۲) E.mail حاصل ڪندڙ جي ائڊريس جو ڪوبہ هڪ روپ لکو.

۳) E.mail سيوا ڏيندڙ ڪنهن بہ هڪ ڪمپني جو نالو لکو.

۴) E.mail رستي ڇا ڇا موڪلي سگهجي ٿو ؟

۵) ڇا هڪ E.mail، هڪ کان وڌيڪ ماڻهن ڏانهن موڪلي سگهجي ٿي ؟

۳. هيٺين کي دستوري ۽ غير دستوري خطن جي نمونن ۾ ورهايو :

| نمبر | ڏانهن | وشيہ | دستوري خ / غير دستوري |
|---|---|---|---|
| ۱) | پيءُ | پڪنڪ جي منظوري لاءِ | ........................................ |
| ۲) | دوست | انعام ملڻ تي واڌايون ڏيڻ | ........................................ |
| ۳) | اِسڪول هيڊماستر | موڪل وٺڻ بابت | ........................................ |
| ۴) | اخبار سمپادڪ | شهر ۾ بگڙيل ماحول بابت | ........................................ |
| ۵) | محنت اڌڪاري | پاڙي ۾ صفائي بابت | ........................................ |
| ۶) | چاچو | سوکڙي لاءِ شڪرادائي بابت | ........................................ |

۴. ماسترجي مدد سان ٺيڪ نہ هئڻ سبب اسڪول ۾ غير حاضر رهڻ بابت هيڊ ماسترکي خط لکندا.

۵. پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ جي جنم ڏينهن جي واڌاين جو ڪارڊ تيار ڪريو.

## پاڻ ڪريون - پاڻ سکون

۱. جواب لکو :

۱) خط لکڻ جا قسم ڪهڙا آهن ؟

۲) خط جا بنيادي حصا ڪهڙا آهن ؟

۳) خط ۾ تاريخ ۽ ائڊريس ڇو لکبي آهي ؟

۴) ڪهڙي قسم جي خط ۾ فقط مکيه وشيه لکڻ گهرجي ؟ اُن ۾ اجائي ڊيگهه نه ڪرڻ گهرجي ؟

۵) خط جي شروعات ڪيئن ڪرڻ گهرجي ؟

۶) خط جي پڇاڙيءَ ۾ ڪهڙا لفظ لکڻ گهرجن ؟

**خط جو نمونو**

ائڊريس :

تاريخ :

وشيه

شروعاتي لفظ

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

پڇاڙي لفظ

لکندڙ

اَلف-ب-ٿ

۲. ڇوڪنڊي مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو.

| عرض، لڏپلاڻ، پاسپورٽ، لازمي، عنايت |
|---|

۱) سنه ۱۹۴۷ع ۾ ورهاڱي وقت لکين ماڻهو هڪ هنڌان ٻي هنڌ ............ ڪئي.

۲) اِهو ............ آهي ته اسان کي سرڪاري نيم گنيبرتا سان پالڻ گهرجي.

۳) هڪ ديش کان ٻي ديش وڃڻ لاءِ ............ هڪ ضروري دستاويز آهي.

۴) راجيش پيءُ کي ............ ڪري پکنڪ لاءِ موڪل ورتي.

٣. ’پاسپورٽ‘ لفظ ۾ اکر آهن ’پ‘، ’س‘، ’پ‘، ’ر‘، ’ٽ‘.

پاس، ٽر، رٽ، ٽاري، پار، سپ، پر

ماترائون استعمال ڪري برڪيٽ مان مناسب جواب ڳولهي لکو.

| اِشارو | جواب |
|---|---|
| هر هر دُهرائڻ | رَٽ |
| اِها ’موتي‘ ٺاهيندي آهي | ........................... |
| ’حرف جملو‘ جو هڪ قسم | ........................... |
| دُڪن مان اسان .......... پوندا‌س | ........................... |
| وڻ جي ........... تي ڳل آهي | ........................... |
| پرهٽ | ........................... |
| امتحان ۾ ’ڪامياب‘ لاءِ لفظ | ........................... |

٤. هيٺيان الڳ الڳ خط جا نمونا سڃاڻو.













## ٻوليءَ جي سونهن

### خط لفظن ۾ لڪيل احساس جو اظهار آهي

**هدايتون :** ماستر شاگردن کي دَستوري ۽ غيردستوري خط لِکڻ ۾ فرقُ سمجهائيندو. ماستر شاگردن کي چوندو ته ميونسپل هيلٿ آفيسر کي مڇرن جو آزار دُور ڪرڻ لاءِ هڪ درخواست گهر مان لکي اَچي.

# ٢٠. محنت

**شروعات :** ماستر 'محنت' جي اهميت ٻڌائيندو. رنگين زباني بابت مثال سمجهائيندو.

پڙهو. ٻڌو ۽ سمجهو.








محنت  كر  محنت  اِنسان،
مهما  محنت  جي  آ  مهان.

١.  جِنِ محنت کي من سان چاهيو،
تن  پنهنجو  جيون  آ  ٺاهيو،
جڳ  ۾  پائن  سي  ئي  مان،
محنت  كر  محنت  اِنسان.

٢.  باغ  باغيچا  کيت  هي  پيارا،
موٽر  گاڏيون  محل  هي  سارا،
محنت  سان  هر  ڪم  آسان،
محنت  كر  محنت  اِنسان.

٣.  محنت  جو  ڦل  مٺو  آ  ٻارو،
محنت  ڪش  ماڻهو  سوپارو،
ويا  چڙهي  آهن  ودوان،
محنت  كر  محنت  اِنسان.



اچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لکون.

١. هيٺ ڏنل سٽن جي رنگين زباني لکو.

(الف) مهما محنت جي آ مهان

(ب) باغ باغيچا ڪيت هي پيارا

٢. چوڪنڊي مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو.

| هم آوازي لفظ، ضد، ساڳئي معنيٰ وارا لفظ، واحد |
| --- |

- پيارا - سارا - ....................
- جڳ - سنسار - ....................
- باغ - باغيچا - ....................
- موٽر - گاڏيون - ....................
- انسان - حيوان - ....................
- منو - ڪوڙو - ....................
- جيون - زندگي - ....................
- ماڻ - انسان - ....................
- مهان - تڇ - ....................

٣. بيت مان سٽون ڳولهيو جن جو لاڳاپو هيٺ ڏنل جملن سان آهي.

(الف) محنت ڪندڙ ماڻهو هميشه ڪامياب ٿيندا آهن.

(ب) محنت جي واکاڻ وڏي آهي.

(ٻ) محنت سان هرڪو ڪم سؤلو ٿيندو آهي.

(پ) محنت جو انجام سٺو هوندو آهي.

(ڀ) اها ڳالهہ ودوان چئي آهي.

پاڙ ڪريون - پاڙ سکون

١. محنت سان واسطو رکندڙ ڪجهہ لفظ هيٺ ڏنل تڪنڊي ۾ ڏنل آهن.

(الف) محنت سان لاڳاپو رکندڙ لفظ

ڪوشش
جفاڪشي
جاکوڙ
پورهيو، جدوجهد

(ب) محنت ڪندڙ جا گڻ

لڳن
همت، صبر
ايمانداري،
پابندي، ذميواري

(ٻ) محنت جون حاصلاتون

ترقي،
ڪاميابي،
عزت،
خوشحالي، مشهوري

(پ) ڪم سان واسطو رکندڙ

محنتي،
مزدور
نؤڪر
مالڪ، ڪاروباري

(پ) ڪم ڪندڙ

ڪم
ڌنڌو
نؤڪري، ڪاروبار
روزگار هنر

متي ڏنل ٽڪنڊن مان ۲ / ۳ لفظ چونڊي جملا ٺاهيو.

مثال (۱) مزدور همٿ سان ڪم ڪندو آهي.

(۲) محنتي ماڻهوءَ کي ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي.

۲. هيٺ ڏنل مزورن جو پيشو سڃاڻو ۽ اُن بابت ڳالهه ٻولهه ڪري ڄاڻ لکو.









## ٻوليءَ جي سونهن

**محنت ڪنهن جي ڪڏهن ضايع نہ وڃي.**

هدايت : ماستر محنت ڪش ماڻهن جا مثال پڇندو. مثال : ڪڙمي، ڪولي، موچي، واڍو، وڪيل، جج، نوڪري ڪندڙ درزي وغيره اُنهن جي ڪمن بابت شاگردن ۾ گفتگو ڪرائيندو. ڪنهن بہ پيشي واري جي ملاقات رکي شاگردن کي سوال پڇڻ لاءِ همٿائيندو.

پروجيڪٽ : باغ ۾ ڪم ڪندڙ مالهيءَ جو چٽر ڪيڻ لاءِ چوندو.

# ٢١. نئين يوجنا

**شروعات :** ماسٽر 'گُفتگو' ۽ 'اِنٽرويو' ۾ فرق پڇندو. گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ ڪم جي ورهاست ڪري هرڪو ڪم ڪاميابيءَ سان پورو ٿيندو آهي. اِن جي اَهميت ٻڌائي سبق جي شروعات ڪندو.

ٻڌو. پڙهو ۽ عمل ڪريو.




(ڪلاس تمامُ سٺي نموني سجايل آهي. گند ڪچري جو نالو نشان نہ آهي. ڀتين تي سندر چارٽ ٽنگيل آهن. گهِندُ لڳڻ تي ٻارڊڪي ڪلاس ۾ اَچن ٿا. ماسترڪلاس ۾ گهڙي ٿو. سڀ ٻار اُٿي بيهن ٿا)

**ماستر :** وِهو وِهو. اَڄ ڪلاس جي ايتري سجاوٽ ڏسي مان گد گد ٿيو آهيان. ڪجهہ ڏينهن کان مان ائين محسوس ڪيو آهي، توهان پاڻ ۾ گڏجي ڪا نہ ڪا نئين يوجنا ناهڻ ۾ رُڌل آهيو. رسيس ۾ ٽولا ٺاهي توهان کي ويچار ڪندي ڏٺو آهي. راجيش، تون اِن وشيہ تي روشني وجهہ.

**راجيش :** ها سائين ! توهان جي جاچ بلڪل صحيح آهي. اسان ڪلاس مان چوند ٻارڪٽي هڪ ٻال سمتي درجو ڇهون ٺاهي آهي.

**ماستر :** واهہ ! تمام نيڪ اِرادو آهي. اِن سمتيءَ جا عهديدار ڪير آهن ؟

**راجيش :** سائين، روينا پريزيڊنٽ آهي، هريش سيڪريٽري آهي، مان وائيس پريزيڊنٽ آهيان ۽ پندرهان ٻيا ميمبر آهن.

**ماستر :** سيني عهديدارن ۽ ميمبرن کي منهنجيون واڌايون هجن. روينا، تون ٻڌاءِ. تون ته هن سمتيءَ جي پريزيڊنٽ آهين. ڇا هن سڄي ڪلاس جي سندر سجاوَٽ جو شرف توهان جي هن سمتيءَ کي ڏجي.

**روينا :** ها سائين، اَسان جي هن سمتيءَ، جو پهريون مقصد آهي هن سڄي شهر کي گند ڪچري کان نجات ڏيارڻ. اُن جي شروعات اسان، پنهنجي ڪلاس کان ڪئي آهي. گانڌي جينتي وارو هفتو صفائي هفتو ڪري ملهائڻو آهي. اِن ڪري اسان سيني گڏجي فيصلو ڪيو ته ڪلاس ۾ صفائي ڪري، اِن ڪارڻ جو شب آرنڀ ڪجي.

**ماستر :** شاباس، توهان سيني کي. هاڻي مونکي ٻڌايو، اڳتي توهان جي ڪهڙي رٿا آهي ؟

**هريش :** اسان سوچيو آهي ته جيئن ڪلاس جي صفائي ڪيل آهي تيئن سڄي اِسڪول جي صفائي ٿئي. هر ڪلاس جي عيوضيءَ سان ملي اُنهن کي اِن بابت رايا ڏنا ويا آهن. اڄ کانپوءِ هرهڪ شاگرد ڪچرو فقط ڪچري جي ڊبي ۾ ڦٽو ڪندو ته پوءِ اسڪول سڄو صاف رهندو ۽ اِن ريت اسين چاهيون ٿا ته شهر به صاف رهي.

**ماستر :** مونکي توهان تي ناز آهي. سچ پچ صفائي وارو ماحول صحت بخش ٿيندو آهي. صفائي واري ماحول ۾ ماڻهو صحتمند رهي ٿو، سنو سوچي سگهي ٿو. شاريرڪ توڙي مانسڪ وڪاس ٿئي ٿو.

**هريش :** سائين ! اسان گڏجي ڪري پوسٽر پڻ ٺاهيا آهن جن ۾ ڪيترائي سنديش ۽ نعرا لکيل آهن.

**ماستر :** ڪجھ سنديش مونکي به ٻڌايو.

**هريش :** سائين، جيڪو توهان اسان کي سيڪاريو آهي، اُن گيان سبب ئي اسان پوسٽر ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون. گند ڪچري سبب بيماريون ٿين ٿيون، مَڇر مکين جو آزار ٿئي ٿو. سُڪو ڪچرو ۽ آلو ڪچرو الڳ ڪري ڪچري جي پيٽيءَ ۾ وجهو. عام جڳهين تي ڪچرو نه ڦٽو ڪريو. سائين ! اهڙي نموني جا پوسٽر اسان تيار ڪيا آهن.

**ماستر :** اڄ مان پاڻ کي ڀاڳوان سمجهان ٿو. جيڪو ڪجھ توهان کي سيکاريو ويو آهي، اُن کي برابر روزاني زندگيءَ ۾ عملي جامو پهرائي رهيا آهيو. روينا، اهو سنديش سڄي شهر تائين ڪيئن پهچندو ؟

**روينا :** سائين، اَسان اُن جو پڻ بندوبست ڪيو آهي سڄي اسڪول مان ڪُل ملائي پندرهان ٽوليون تيار ڪيون ويون آهن. جيڪي ايندڙ هفتي سڄي شهر ۾ جدا جدا هنڌن تي وڃي اِن صفائي هلچل جي ڄاڻ ڏينديون.

**ماستر :** مونکي توهان جي ڳالهه وڻي توهان کي اُن مقصد لاءِ شڀ اِڇائون.

اَچو تہ ڳالھہ - ٻولھہ ڪريون ۽ لکون. 

١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن سٽن ۾ لکو :

١) ماسترگدڳ ڇو ٿيو ؟

٢) گانڌي جينتي جو هفتو، ٻار ڪيئن ملهائڻ وارا هئا ؟

٣) گند ڪچري سبب ڪھڙيون تڪليفون ٿين ٿيون ؟

٤) اِسڪول مان گھٽيون ٽوليون ٺاهيون ويون ؟

٢. ’الف‘، ’ب‘، ’پ‘ ڪالم جا لفظ چونڊي جوڙا ملايو.

| الف | ب | پ |
|---|---|---|
| ١) واڌايون | ١) سنديش | ١) رتا |
| ٢) يوجنا | ٢) هوشيار | ٢) احوال |
| ٣) نياپو | ٣) شڀ ڪامنائون | ٣) صحتمند |
| ٤) تازو توانو | ٤) ترڪيب | ٤) اڳرو |
| ٥) ڪامياب | ٥) چست | ٥) دعائون |

٣. هيٺ ڏنل جملن مان اسم ذات چونڊيو.

١) تمام نيڪ اِرادو آهي.

٢) توهان کي اِن مقصد لاءِ سڀ اِڇائون.

٣) مون کي توهان تي ناز آهي.

٤) ڪلاس جي صفائي ڪيل آهي.

٤. هيٺ چؤکنڊي ۾ ڪجھہ لفظ ڏنل آهن. اُنھن مان صفتون چونڊي لکو.

| |
|---|
| سجاوٽ، صاف، سجايل |
| سندر، نئين، يوجنا |
| روشني، نيڪ، شروعاتي، صفائي |

٥. زمان سڃاڻو.

١) مون کي توهان جي ڳالھہ وڻي

٢) اسڪول سچو صاف رهندو

٣) توهان جي ڪھڙي رتا آهي

٤) اسان پوسٽر تيار ڪيا.

## پاڻ ڪريون - پاڻ سکون

١. توهان اسڪول ۾ ٻارن جي اِنتظام سمتي ناهڻ چاهيو ٿا، اُن لاءِ هيٺ ڏنل ڪريائن کي سلسلي موجب چؤڪنڊن ۾ نمبر ڏيو :

- چونڊيل ٻارن مان عهديدار چونڊڻ ۽ اِنتظام سمتي ناهڻ
- سيني ٻارن جي ميٽنگ گهرائڻ
- هرهڪ ڪلاس مان ٻه ٻار چونڊڻ
- انتظام سمتيءَ جا مقصد ظاهر ڪرڻ
- انتظام سمتيءَ جي ميٽنگ گهرائڻ
- انتظام سمتيءَ جا ڪاريه ٻڌائڻ

٢. ڪاجل کي بئنگلور ۾ قومي راندين ۾ ٻهرو وٺڻ لاءِ تياري ڪرڻي آهي. هن جي ماءُ هيٺين گهربل سامان سندس لاءِ تيار ڪري رکيو آهي. ڪالمن موجب سامان جي ورهاست ڪريو :

سويٽر، پاڻيءَ جو بوتل، ٽفن، ڪاڇا، ٽڪيٽ، مفلر، ڊريسون، باداميون، چادر، سُڄاڳپ پتر، ڪروسين گوريون، بئگ، رئڪيٽ، مائٽن جي رضامندي جو خط، اِسپورٽس شوُ، مئڪ اَپ جو سامان، سوُر جو ٻامُ، اسڪول جي هيڊ ماستر جو ليٽر، ٽارچ، سئي ڌاڳو، ڪُلف ۽ ڪُنجي، روپيا، اي.ٽي.ايم. ڪارڊ (ATM)، سيفٽي پن.

| دوائون | دستاويز | ڪپڙا | پاڻ سان گڏ کڻڻ وارو سامان ٻيو سامان |
|---|---|---|---|
| | | | |

٣. سمجهو توهان ڪنهن مشهور رانديگر ڪان انٽرويو وٺو ٿا. هيٺ ڏنل مدا سامهون رکو ۽ انٽرويو تيار ڪريو.

١) واقفيت
٢) توهان جا شروعاتي شوُنق
٣) اِن راند ۾ توهان جو قدم رکڻ
٤) شروعاتي ڪوششون
٥) توهان جي ٽريننگ
٦) انتظام ۽ صبر جي ٻومڪا
٧) توهان جون حاصلاتون
٨) خاص يادگيريون
٩) ڇا ڪڏهن ناڪاميابي ملي ؟
١٠) نئين ٿهيءَ لاءِ سنديش
١١) شڪرگذاري

## عرض (اَپيل)

عرض (اَپيل) جو مطلب آهي ته ناگرڪن کي ڪنهن سماجي مسئلي ۾ اُن جي حل بابت سُجاڳ ڪرڻ. جنهن ڪري سماج ۾ بهبوديءَ جو مقصد پورو ٿي سگهي. اَچو ته هيٺ ڏنل مثال ذريعي عرض (اَپيل) جو هڪ نمونو سمجهون.

### اَچو ته پنهنجي شهر کي صاف بڻايون

توهانکي اِها ڳالهه ٻڌائيندي اَسان اِها خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون ته اَسانجي اِسڪول ۾ پڙهندڙ ڇهين درجي جي شاگردن پاران ’صفائي مُهم‘ جو آغاز ڪيو ويو آهي. ته شهر کي صاف سُٿرو رکڻ لاءِ ۽ بيمارين کان بچائڻ لاءِ هڪ سنديش سيني تائين پهچي جيئن اِن مُهم وسيلي سيني شهرواسين ۾ سڄاڳي اَچي ته صاف ۽ سُٿرو شهر اَسانجي صحت ۽ ايندڙ پيڙهين لاءِ ڪارائتو ثابت ٿئي.

اَچو ته اِن مقصد کي ڪامياب بڻايون ۽ اَسين سڀ گڏجيون.











تاريخ : ..........................

وقت : ..........................

جڳهه : ..........................

مُکيه مُدا :-

(١) ڪچرو هميشه ڪچري جي دٻي ۾ وجهو.

(٢) ’پلاسٽڪ جون ٿيلهيون‘ اِنهن جو اِستعمال نه ڪرڻو آهي.

(٣) پنهنجي گهر ۾ آس پاس پاڻي بيهڻ تي روڪ وجهو ۽ وڻ لڳايو.





عرض ڪندڙ :

درجي ڇهين جا شاگرد : ....................

**ڪجهه مثال :**

(١) اَچو ته پاڻي بچايون.

(٢) ڏيتي ليتي جو مرض مٽايون.

(٣) پردوشڻ روڪيون.

(٤) پنهنجي ٻوليءَ ۾ سڪون ۽ ڳالهايون.

(٥) شادين تي خرچ گهٽايون.

(٦) شمسي شڪتي (Solar Energy) جو اِستعمال ڪريون.







**ٻوليءَ جي سونهن - سوچي سمجهيل رٽا مطلب اٽ ڪاميابي**

**هدايت :** ماستر شاگردن کي صفائيءَ جي اهميت سمجهائيندو. جدا جدا وشين تي انٽرويو بابت شاگردن ۾ رول پلي ڪرائيندو.

**پروجيڪٽ :** سماج ۾ صفائيءَ کان سواءِ ٻيا ڪهڙا مسئلا آهن اهڙي ڪنهن به هڪ مسئلي کي دور ڪرڻ جي يوجنا شاگرد لکي اچن ۽ ماستر اُنهن بابت ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرائي.

# ٢٢. ريل جي مسافري

**شروعات :** ماستر ٻارن کان سَيرسپاٽي بابت اُنهن جا آزمودا پڇندو. مُسافريءَ جا ذريعا سمجهائيندو. ڀارت ۾ سڀني کان وڏ ۾ وڏ ياترا ڪندڙ ريل مسافريءَ کي ئي استعمال ڪري رهيا آهن اِن بابت ماستر ڄاڻ ڏئي. مسافريءَ ۾ ڪهڙيون جوابداريون پالڻ گهرجن ٻڌائي سبق جي شروعات ڪندو.

**پڙهو ۽ سمجهو.**






اَڄ ڪلهه ريل گاڏيءَ جي مسافري ٻين سڀني مسافرين کان سستي ۽ سؤلي ٿي پيئي آهي. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ لاءِ ريل گاڏي سؤلائيءَ سان ملي سگهي ٿي.

ريل گاڏيءَ ۾ ڪٿان ڪٿان جا مسافر اچي گڏ ٿين ٿا. اُهي گهڻو ڪري هڪ ٻئي کان غيرُواقف هوندا آهن. اِن ڪري ريل گاڏيءَ ۾ ڪن ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

گاڏيءَ ۾ چڙهڻ کان اڳ ٽڪيٽ ضرور وٺڻ گهرجي. ٽڪيٽ، اسٽيشن تي دريءَ تان يان آن لائين ئي وٺڻ گهرجي. ٽڪيٽ قطار ۾ بيهي وٺڻ گهرجي. ٽڪيٽ وٺي جاچي ڏسجي. ٽڪيٽ اڳواٽ وٺڻ سان مسافري آرام دايڪ ٿئي ٿي.

گاڏيءَ ۾ ٻين مسافرن جي آرام جو به خيال رکڻ گهرجي. پاڻ ليٽي ننڍون ڪجن ۽ ٻين کي وهڻ جي جاءِ به نه هجي، اِهو واجُب ڪين آهي. وهڻ جي جڳهه تي پير رکڻ نه گهرجن.

گاڏي اَندر گندُ - ڪچرو ڦٽو نه ڪجي. گاڏن اَندر صفائي رکڻ گهرجي. گاڏيءَ هلندي دروازي نه بيهجي. دريءَ مان ڪنڌ يا هٿ ٻاهر ڪڍڻ نه گهرجي، اِن حالت ۾ ڌڪ لڳڻ يا حادثي ٿيڻ جو اِمڪان آهي.

مسافري وقت سامان گهٽ کڻجي. جن شين لاءِ گاڏيءَ ۾ کڻڻ تي بندش پيل هجي : اُهي شيون نه کڻجن. بارود، ڦاٽندڙ شيون ۽ باهه پڪڙيندڙ شيون ريل گاڏين جو نقصان ڪري سگهن ٿيون. ماڻهن جون قيمتي جانيون به وڃي سگهن ٿيون. اسانکي گاڏن ۾ ضروري سهولتن واري سامان جي سنڀال ڪرڻ گهرجي ڇو ته ريلوي عام جي ملڪيت آهي.

ريل گاڏيءَ ۾ اڻ سڃاتل ماڻهو جي ڏنل شيءِ نہ ورتائڻ گهرجي. ڇو تہ دوکي جو اِمڪان آهي. ڪي ماڻهو استيشن اچڻ وقت گاڏيءَ مان هيٺ لهي ايندا آهن ۽ پليٽفارم تي اجايا چڪر لڳائيندا آهن. پوءِ هلندي گاڏيءَ ۾ چڙهندا آهن. ائين ڪرڻ بہ جوکائتو آهي.

وات تي پاڻي وغيرہ لاءِ لهڻو پوي تہ سامان ڪنهن معتبر ماڻهوءَ جي حوالي ڪري وڃڻ گهرجي يا سامان تي زنجيروارو تالو لڳائي وڃڻ گهرجي. اها چوڻي سدا ياد رکڻ گهرجي تہ 'سامان ٿورو آرام گهڻو.'

اِنهن ڳالهين تي هلڻ سان ريل گاڏيءَ جي مسافري بلڪل سؤلي ۽ سلامتيءَ واري ٿي ويندي.

---

١. اچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لکون.

١) توهان مان ڪنهن ريل جي مسافري ڪئي آهي ؟

٢) ڪهڙهہ واهڻ جا نالا ٻڌايو ؟

٣) ريل مسافريءَ ۾ ڪهڙي خبرداري وٺڻ گهرجي ؟

٢. اچو تہ مزو وٺون ۽ 'ضد' ڏبو نمبر لکون.




مثال :

| لفظ | ڏبو نمبر |
|---|---|
| فائدو | ٧ |
| غير واقف | |
| مهانگي | |
| وڏيڪ | |
| اڻ سڃاتل | |
| پوءِ | |
| مٿي | |
| ڏکي | |
| غير واجب | |

٣. تڪ پڙهو ۽ عملي ڪم پورو ڪريو :

مسافريءَ وقت .............. عام جي ملڪيت آهي.

١) هڪ ست ۾ جواب لکو :

(الف) گاڏيءَ ۾ ڪهڙيون شيون نہ ڪٽڻ گهرجن ؟

(ب) مسافريءَ ۾ ڪهڙين شين جي سنڀال ڪرڻ گهرجي ؟

۲) هم آوازي لفظ ڳولهيو :

| مان، گاڏي، عام، گهٽ |
|---|

۱) شان - [ ]　　۲) جام - [ ]

۳) ڪاڏي - [ ]　　۴) وٽ - [ ]

۳) ٻاهر پکڙيندڙ شين جا مثال لکو :

۴) هيٺ ڏنل چارٽ ۾ غلط سلسلو ڏنل آهي اُن کي صحيح ڪري لکو :

| | |
|---|---|
| (۱) | ريل گاڏيءَ جو انتظار ڪرڻ |
| (۲) | ٽڪيٽ وٺڻ |
| (۳) | پليٽفارم تي پهچڻ |
| (۴) | ريل گاڏيءَ ۾ داخل ٿيڻ |
| (۵) | مسافري پوري ڪري گاڏيءَ مان لهڻ |

۵) هيٺ ڏنل جملن مان صفتون چونڊيو :

(۱) ريل گاڏيءَ جي مسافري سولي آهي.

(۲) گاڏيءَ ۾ مسافر گهٽو ڪري غير واقف هوندا آهن.

(۳) مسافريءَ وقت سامان گهٽ هئڻ گهرجي.

(۴) ريل گاڏيءَ ۾ اَڻ سڃاتل ماڻهوءَ جي ڏنل شيءِ نه وٺڻ گهرجي.



## پاڻ ڪريون - پاڻ سکون

۱. مثال سمجهو ۽ مناسب جواب لکو.

| | | |
|---|---|---|
| مسافري ڪندڙ | - | مسافر |
| ٽرين ۾ شيون وڪڻندڙ | - | |
| ٽڪيٽ چيڪ ڪندڙ | - | |
| ٽرين هلائيندڙ | - | |
| سامان کڻندڙ | - | |

۲. هيٺ ڏنل بيانن لاءِ ✓ يا ✗ لکو :

(۱) ريل گاڏيءَ ۾ مسافري بنا ٽڪيٽ ڪرڻ گهرجي.

(۲) ريل گاڏيءَ ۾ ڪچرو ڦٽي ڪرڻ نه گهرجي.

(۳) مسافريءَ وقت وڏن کي جاءِ ڏيڻ گهرجي.

(۴) قطار ۾ بيهي ٽڪيٽ وٺڻ گهرجي.

## وڌيڪ ڄاڻ

**١.** رواجي طور توهان وڏي مفاصلي واريون ميل ٽرين، ايڪسپريس ٽرين ۽ اُنهن ۾ سفر ڪيو آهي. اَچو ته ڪجهه ٻين گاڏين بابت ڄاڻ حاصل ڪريون.

### ١) مال گاڏي (Goods Train) :

سامان کڻڻ واري گاڏيءَ کي مال گاڏي چئبو آهي. عام طور اِها ريلو ٽريڪ تي هلندي آهي، جنهن ۾ ڊيزل يا بجليءَ جو اِستعمال اِنجڻ ڇِڪڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي. سامان چاڙهڻ يا لاهڻ لاءِ خاص اِسٽيشنون يا گودام هوندا آهن.

مال گاڏيءَ وسيلي جُدا جُدا سامان جهڙو ڪوئلو، معدني شيون، اَناج، تيل، ڪيميائي شيون، مشينري، جانور وغيرهه هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچايو ويندو آهي.



### ٢) ميٽرو ٽرين (Metro Train) :

ٽرانسپورٽ جو جديد وسيلو آهي ميٽرو ٽرين. جيڪا وڏن شهرن ۾ مُسافرن کي تيزيءَ سان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائڻ ۾ تمام گهڻي ڪارگر آهي. زمين جي هيٺان (Under ground) يا مٿان (Elevated) ٽريڪ تي هلندڙ ميٽرو ٽرين وڏن شهرواسين لاءِ هڪ بهتر وسيلو بڻجي آهي. اِها ٽرين بِجليءَ تي هلندِي آهي. اِن لاءِ هڪ خاص ٽريڪ جو بندوبست ٿيل هوندو آهي. اَندر داخل ٿيڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ اِسٽيشن تي هڪ خاص جديد بندوبست ٿيل هوندو آهي.



### ٣) مونو ريل (Mono Rail) :

مونو ريل ٻہ هاڻوڪ زماني جي آمدرفت جو هڪ سنو ذريعو ثابت ٿيِ آهي. هن ٽرين جي خاصيت آهي تہ اِها هڪ ئيِ پٽريءَ يا بيِم تي هلندي آهي. اِها اَڪثر زمين کان مٿي خاص ٽريڪ تي هلندي آهي. اُها ٽرين عام طور بجليءَ تي هلندي آهي. اِن اِنتظام کي ناهڻ لاءِ گهٽ جڳهہ جو اِستعمال ٿيندو آهي. گهڻيءَ آباديءَ وارن شهرن ۾ ٽريفڪ گهٽائڻ ۾ مدد ڪندي آهي.



### ٤) بُلٽ ٽرين (Bullet Train) :

اَڄ جي زماني ۾ وقت جي بچت ۽ رفتار اِنهن جي تمام گهڻي اَهميت آهي. اُن لحاظ کان بُلٽ ٽرين وڏا مفاصلا طئہ ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين مُسافريءَ جو سادن بڻجي آهي. اِن کي ’هاءِ اِسپيڊ ريل‘ چيو ويندو آهي. بجليءَ تي هلندڙ اها ٽرين جديد ڊزائن سان ٺهيل آهي. جيئن رفتار وڌيِ سگهي ۽ هر رنڊڪ جو مقابلو ڪري سگهي. اِن جي رفتار ٤٠٠ ڪلوميٽر في ڪلاڪ تائين بہ ٿي سگهي ٿي.




**هدايتون :** ماستر ٻارن کان ريل مسافريءَ بابت سندن آزمودو پڇندو. اڻ سڃاتل ماڻهن سان ڪيئن وهنوار ڪرڻ گهرجي اِهو سمجهائيندو.

**پروجيڪٽ :** شاگردن کي ڪيل سفر بابت لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

نمستي ٻارو!

جيڪڏهن توهانکي نيڪ نٿو لڳي، توهانکي ڪنهن غلط ڇهاءُ ڪيو، تہ توهان چُپ ڪري نہ ويهو. توهان ٻالهايو.

١. پنهنجو پاڻ کي ڏوهہ نہ ڏيو.

٢. اُن کي ٻڌايو جنهن تي توهان کي وشواس آهي.

٣. توهان نئشنل ڪميشن فار پروٽيڪشن آف چائلڊ رائيٽس کي ٻڌائي سگهو ٿا POCSO جي e.box ذريعي.

جڏهن توهان کي ڪير غلط ڇُهاءُ ٿو ڪري ۽ توهانکي خراب ٿو لڳي،
توهان منجهي ٿا وڃو ۽ ڪُجهہ نَٿا ڪري سگهو
توهانکي ”خراب“ نہ لڳڻ گُهرجي ڇو جو اُن ۾ توهانجي غلطي ڪونهي.




هي بَٽڻ ڏٻايو

**POCSO e-box available at NCPCR@gov.in**

جيڪڏهن توهان ١٨ سالن کان گهٽ عمر وارا آهيو ۽ توهان ڪنهن پريشانيءَ ۾ يا
مُنجهيل يا بَدِ سَلوُڪي يا تَڪليِف ۾ آهيو يا ٻيو ڪو ٻار ..............
فون ڪريو 1098 .... ڇو جو ڪجهہ نمبر سُٺا هوندا آهن!
اُهي زندگي بدلي ڇڏيندا آهن!!!




چائلڊ لائين 1098 - نئشنل ٢٤ ڪلاڪ ٽول فري
ضروري فون لائين ٻارن لاءِ جيڪي ٻار پريشان يا تڪليف ۾ آهن
چائلڊ لائين اِنڊيا فائونڊيشن سرڪار جي مدد سان
(منسٽري آف ومين اَئنڊ چائلڊ ڊويلپڊ) هلي رهي آهي.

نئين سماج ڏانهن
Towards a new dawn

# राज्यगीत



जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।धृ।।

भिती न आम्हा तुझी मुळी ही गडगडणाऱ्या नभा
अस्मानाच्या सुलतानीला जबाब देती जिभा
सह्याद्रीचा सिंह गर्जतो शिव शंभू राजा
दरी दरीतून नाद गुंजला महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।१।।





काळ्या छातीवरी कोरली, अभिमानाची लेणी
पोलादी मनगटे खेळती, खेळ जीवघेणी
दारिद्र्याच्या उन्हात शिजला
निढळाच्या घामाने भिजला
देश गौरवासाठी झिजला
दिल्लीचे ही तख्त राखितो, महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा ।।२।।


مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

बालभारती इयत्ता सहावी (सिंधी माध्यम)

₹ 78.00